رياضت پرڙو

# ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جي علمي ۽ لساني خدمتن جو تنقيدي ۽ تجزياتي مطالعو


***Abstract:***

**A Critical & Analytical Study of Dr. Shamsuddin Ursani's Literary and Linguistic Works**

*Dr. Shamsuddin Ursani (born on February 2, 1937) is a famous researcher, scholar and writer of Sindhi language and literature. He has more than 15 books to his credit, written on language, culture, literature, folk literature, lexicography, scientific and lingual terminology which include "Saqafat aen Insani Muaashrey Jee Osar" (The Evolution of Culture and Human Society), "Sindhi Adab Jee Irtiqaee Tareekh" (The Evolutionary History of Sindhi Literature), "Fann, Shakhsiyat Aen Andaz" (Art, Personality and Diction), "Sindhi Boli'a Jey Jahan Jee Khojna" (A Research of the World of Sindhi Language), "Sindhi Varjeesi Boli" (Sindhi: A Proverbial Language), "Sindhi Adab maen Tanqeed" (Criticism in Sindhi Language), "Sindhi Boli'a Jee Sikhya" (Teaching of Sindhi Language), "Ikhlaq aen Kirdaar" (Behaviour and Character), "Shakhs aen Aks" (Persons and Reflections), "Osar Pahaakati Lughat" (Osar Proverbial Dictionary), "Science Fasana" (Science Stories), "Lakho Phulani" (Lakho Phulani), "Azaadi'a maen Aseer" (A Prisoner in Freedom), "Nao'n Chhateeh Lakhno" (New Chhateeh Lakhno), and "Azaadi'a khaan poe Sindhi Afsanvi Adab Jee Osar" (The Evolution of Sindhi fiction Literature after Independence). The last one is Dr. Ursani's Ph.D thesis. He also translated famous book "Cosmos" in Sindhi language, with the title "Aafaq", written by Carl Sagan.*

*Dr. Ursani passed matriculation in 1956, MA (Sindhi) in 1980 and completed his Ph.D in Sindhi literature from University of Sindh, Jamshoro. He served in Education Department of Sindh Government from 1961 to 1999. He retired from service as professor of Sindhi language.*

*Dr. Ursani's research work is mostly focused on language and literature, folk wisdom, criticism & history of Sindhi prose, poetry and fiction. He*







*has received many awards, which include the: "Sindhi Boli Maadar-e-Watan Award" and "Dr. Muhabbat Buriro Award" for his literary services. He not only contributed a lot to Sindhi language and literature, but his amenities in the field of education are unforgettable.*

*In this article I have discussed and analyzed Dr. Ursani's literary works in general and emphasis and focus on his research works.*


**سنڌي** ٻولي اسان جون سماجي ۽ راهپي (ثقافتي) گهرجون پوريون ڪري ٿي، جنهن ڪري اسان جو پنهنجي سنڌي سماج ۾ جيئڻ ۽ ترقي ڪرڻ ممڪن بڻجي ٿو. جيئڻ اسان جو جياپو ۽ ترقي سنڌي ٻوليءَ سان آهي، ساڳيءَ ريت سنڌي ٻوليءَ جو جياپو ۽ ترقي اسان سان سلهاڙيل آهي. پر اها ڳالهه ڪي ٿورا ماڻهو ئي سمجهي سگهندا آهن ۽ ان سلسلي ۾ ڪم ڪندا ۽ پنهنجو فرض ادا ڪندا رهندا آهن. اهڙن مُلهائتن ماڻهن مان هڪُ، اسان جو مانائتو سائين، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي (ڄم ٢-فيبروري ١٩٣٧ع) ٻه آهي. ڊاڪٽر عرساڻيءَ سان ملڻ يا سندس تحريرون پڙهڻ سان ئي محسوس ٿي ويندو آهي ته، هيءُ املهه انسان سنڌي ٻوليءَ سان بي انتها پيار، اجا ٻه عشق ڪري ٿو ۽ ان جي واڌ ويجهه لاءِ ١٩٦٠ع کان وٺي جاکوڙيندو رهي ٿو. ان ڳالهه جي شاهدي سندس ڪتابَ ۽ ٻيا ليک چڱيءَ پر ڏيندي نظر اچن ٿا. ڊاڪٽر عرساڻيءَ اهڙو اظهارُ پنهنجي نئين ڪتاب "ثقافت ۽ انساني معاشري جي اوسر" ۾ شامل هڪ مضمون "ايڪيهين صديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڪيئن قابل ڪار بنائجي؟" ۾ هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

"آئون سنڌي ٻوليءَ جي فني ۽ علمي مسئلن تي ان ڪري لاڳيتو لکندو رهان ٿو، جو اول ته سنڌي ٻوليءَ سان ازلي عشق اٿم ۽ ٻيو ته سنڌي ٻوليءَ جي پروفيسر جي حيثيت ۾ برسر روزگار رهيو آهيان. سنڌي ٻوليءَ جو اثر و نفاذ ۽ ترويج و ترقي مون کي جان کان ٻه عزيز آهي. آئون ان کي هڪ مهذب ۽ اعليٰ تعليمي معيار رکندڙ معاشري جي ڪامياب زبان ڏسڻ جو آرزومند رهيو آهيان. اهو ئي سبب آهي، جو سنڌي ٻوليءَ جو 'ڪارآمد ٻولي' (Functional language) جي حيثيت ۾، لساني ۽ علمي مطالعو منهنجو دلپسند موضوع رهيو آهي، جنهن کي آئون پنهنجو هڪ تدريسي ڪارج (Academic work) يا تعليمي فرض سمجهي نڀائيندو رهان ٿو."(١)

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي تعليمي ماهر ٻه آهي ته هڪ محقق ٻه. هن لوڪ ادب، لسانيات ۽ لغت ۾ ٻه خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، ته ادب جي مختلف صنفن ۾ ٻه



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

قلم وسيلي ڪارگر تخليقون ڪيون آهن ۽ ترجمن وسيلي پڻ سنڌي ٻوليءَ جي جهول ۾ اهم مواد آندو آهي. سندس ڪتابن جو وچور هن ريت آهي:

١. اخلاق ۽ ڪردار (ٻارن جون تاريخي ڪهاڻيون، ١٩٦١ع)

٢. سنڌي ادب ۾ تنقيد (پهريون ڇاپو: جُون ١٩٦٥ع، ٻيو ڇاپو: مارچ ٢٠١٠ع)

٣. آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر (١٩٨١ع)

٤. سنڌي ٻوليءَ جي سکيا (١٩٨٢ع)

٥. لاکو ڦلاڻي (ٻارن لاءِ ناول، ١٩٨٦ع)

٦. نئون ڇٽيهه لکٽو (١٩٩٧ع)

٧. سنڌي ورجيسي ٻولي (پهريون ڇاپو: ١٩٩٧ع، ٻيو ڇاپو: ٢٠١٠ع)

٨. سنڌي ٻوليءَ جي جهان جي کوجنا (٢٠٠١ع)

٩. فن، شخصيت ۽ انداز (مارچ ٢٠٠٣ع)

١٠. سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ (جنوري ٢٠٠٩ع)

١١. ثقافت ۽ انساني معاشري جي اوسر (فيبروري ٢٠١٥ع)

١٢. شخص ۽ عڪس (پهريون ڇاپو: ٢٠١٥ع)

١٣. اوسر پهاڪاتي لغت (پهريون ڇاپو: ٢٠١٥ع)

١٤. سائنس فسانا (ترجمو ڪيل ڪهاڻيون. انجنيئر ضياء الدين عرساڻي سان گڏ)

١٥. آزاديءَ ۾ اسير (ڪهاڻيون)

مٿين پندرهن ڪتابن مان، ڪهاڻين ۽ ٻارن لاءِ لکيل ناولن کي ڇڏي، رهيل ڏهن علمي، ادبي ۽ لساني ڪتابن تي هيٺ تنقيدي ۽ تجزياتي نگاهه وجهنداسين.

سنڌي ٻوليءَ ذريعي سنڌي ماڻهن کي تعليم يافته بڻائڻ ڊاڪٽر عرساڻيءَ جي زندگيءَ جي مکيه مقصدن مان هڪ اهم مقصد رهيو آهي. ان اهم مقصد جي تڪميل لاءِ هن سڄي ڄمار جدوجهد ڪئي آهي، پر سندس زندگيءَ جا، ان مقصد جي چوڌگرد





ٻيا به ڪجهه مقصد رهيا آهن، جن جو مختصر اظهار سندس لائق فرزندَ ۽ ليکڪَ ڊاڪٽر احسان احمد عرساڻيءَ، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جي هڪ منفرد ڪتاب 'اوسر پهاڪاتي لغت' جي پيش لفظ ۾، هنن لفظن ۾، ڪيو آهي:

"خالص ادب کان سواءِ، ادبي تاريخ، ٻاراڻه ادب، سائنسي ادب، تعليم، ٻولي ۽ لسانيات جي ميدان ۾ به سندس ڪيتريون ئي ڀاڱيداريون رهيون آهن."(٢)

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جي انهن ڀاڱيدارين (contributions) جي ڪري ئي سندس ماڻُ ۽ مرتبو سنڌي ٻوليءَ جي عالمن ۽ محققن ۾ مٿانهون ۽ معتبر رهيو آهي، جڏهن ته سندس علمي اثر پنهنجي دؤر جي عالمن، اديبن ۽ محققن تي پڻ، لکڻين جي سگهه سبب رهيو آهي. هن بابت نامور محقق ۽ ٻوليءَ ڄاڻڪ (Linguistic) ڊاڪٽر محبت ٻرڙو لکي ٿو، "توهان جي لکڻ جي قوت کان متاثر ۽ لکڻ جي قوت جو قائل آهيان."(٣) ڊاڪٽر عرساڻي سڄي ڄمار علم، ادب، ٻولي ۽ معياري تعليمي ادارن جي قيام لاءِ جاکوڙيندو رهيو آهي. علمي حوالن سان سندس لاڳاپا نه صرف بزرگ محققن ۽ اديبن سان رهيا آهن پر هو نوجوانن کي به اتساهيندو ۽ ساراهيندو رهيو آهي. 'اوسر پيڙهڪا امانتاڻو' (Osar Foundation Trust) ۽ ان جو ذيلي ادارو 'اوسر اشاعتاڻو' (Osar Publication)، ڊاڪٽر عرساڻيءَ جا قائم ڪيل ادارا آهن، جن جا پاڻ 'باني ۽ نشستمان' آهن.

ڊاڪٽر عرساڻيءَ جا ٻوليءَ جي حوالي سان تحقيق جا خاص موضوعَ پهاڪا، ورجيسون ۽ سائنسي ۽ فني اصطلاح سازي رهيا آهن. اهي علمي ۽ لساني موضوعَ هن جي ڪتابن، مقالن، مضمونن ۽ علمي خطن ۾ پيش ڪيل آهن. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر عرساڻي، سائنسي اصطلاح ۽ انهن جا سيٽ پڻ، پنهنجيءَ مڪمل نيڪ نيتي ۽ سنڌي ٻوليءَ سان اکير من ۾ رکي، پيش پئي ڪندو رهيو آهي، ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي سنسار کي وڌ ۾ وڌ علمي بڻائي سگهجي. اهڙن ڪجهه اصطلاحن کي، ڊاڪٽر محبت ٻرڙي، عرساڻي صاحب ڏانهن لکيل، هڪ علمي خط ۾ پڻ بحث هيٺ آندو آهي، جيڪو سندس ڪتاب 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا' (١٩٩٨ع) ۾، عرساڻي صاحب ڏانهن لکيل هڪ علمي خط، صفحي نمبر ٩٩ کان ١٠٥ تائين، ستن صفحن تي، ڇپيل آهي. اهو خط ١٩٩٤ع ۾ لکيل آهي ۽ منجهس ڪيئي اهم ڳالهيون بيان ڪيل آهن.

ڊاڪٽر محبت ٻرڙو به ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جي سگهه جو اعتراف



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪُليءَ دل سان ڪري ٿو، تہ يقيناً ڊاڪٽر عرساڻيءَ تي اسان جو فخرُ اجا بہ وڌي وڃي ٿو. هُو ڊاڪٽر عرساڻيءَ جي علمي خط ۾ پيش ڪيل اصطلاحسازيءَ جي قبوليت ڪندي، لکي ٿو:

”رياضت ڀرڙي گذريل ٻن مهينن ۾ سائنسي چاڻ ۽ سڄاڻ نالي بہ ڪتابڙا ڇپرايا. بہ بہ هزار جي ڇُٽپ ۾. ۽ انهن ٻنهي ڪتابڙن ڪي هڪ هنڌ ڪَٺو ڪري ۽ ڪجھ سوال-جواب وڌائي، هڪ ڪتابڙو (سائنسي معلومات) ڇپرايو. جنهن جي ڪاپي موڪلجي ٿي. توهان جي راءِ پٽاندر ان ۾ ’ڳالِ‘ يا ’ٻولَ‘ بدران ’وايو‘ ڪم آندو ويو آهي ۽ ’وايومنڊل‘ ۾ واءُ جي نشاندهي ڪندڙ ’وايو‘ ڪي تبديل ڪري ’وائمنڊل‘ ڪيو ويو آهي.“(۴)

هن هنڌ، مناسب ٿو سمجهان تہ ۲۰۰۵ع ۾، ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جِي، قنبر ۾ منعقد ڪيل، اٺين ورسيءَ ۾، ڊاڪٽر عرساڻيءَ جي پڙهيل صدارتي تقرير مان بہ چار جملا پيش ڪجن. اها تقرير عرساڻي صاحب جي ڪتاب ”ثقافت ۽ انساني سماج جي اوسر“ ۾، ”سنڌي زبان ۾ فني اصطلاح سازي ۽ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو جون لساني مهارتون“ عنوان هيٺ ڇپيل آهي. ان تقرير ۾، ڊاڪٽر محبت ٻرڙي ۽ ڊاڪٽر عرساڻيءَ جي ساڳيائپ ۽ ذهني روين جي بہ عڪاسي ٿئي ٿي. ڊاڪٽر عرساڻي لکي ٿو:

”آئون سنڌس (ڊاڪٽر محبت جي) جنهن رخ تي روشني وجهندس، سو هن جو خاص علمي انداز آهي، جنهن باعث آئون سنڌس شخصيت طرف ڇڪجي ويو هئس. منهنجو اشارو سنڌس لِساني ڪوجنا طرف آهي. جيڪا پنهنجي اندر بلڪل نوان پهلو رکي ٿي... ڊاڪٽر محبت پنهنجي ڪمال مهارتَ سان سنڌي ٻوليءَ جو لساني چهرو ظاهر ڪري ان جا اصلي جوهر وکيريا ۽ تقليد پسندن جون وايون ولڙيون ڪري ڇڏيون. دراصل هُن اڻ موافق ماحول ۾ سنڌي سائنسي ٻوليءَ جِي هڪ علمي ۽ اصطلاحي وات نروار ڪري خود منهنجي خيالن کي تقويت رسائي هئي... هو نہ رڳو سنڌي ٻوليءَ بابت منهنجي جذبن ڪي سمجهڻ وارو انسان هو، بلڪ آئون سنڌس ذهني سفر ۾ پاڻ کي شامل حال سمجهندو هئس... اصطلاح سازيءَ واسطي باقاعدي ڪنهن فني وات ڪي ڊاڪٽر محبت ڪان اڳ ۾ ڪنهن بہ عالم مطالعي هيٺ ڪو نہ آندو هو.“(۵)

سائنسي ۽ فني اصطلاح سازيءَ سان گڏوگڏ، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ،





پنهنجن ڪتابن ۾، سنڌي-سنڌي لغت، ۽ انگريزي-سنڌي توڙي سنڌي-انگريزي لغت جي حوالي سان ڪيترائي لفظ ۽ اصطلاح سرجيا يا نروار ڪيا آهن. هتي سنڌس ٽن ڪتابن ’اوسر پهاڪاتي لغت‘، ’شخص ۽ عڪس‘ ۽ ’ثقافت ۽ انساني معاشري جي اوسر‘ مان ڪي چونڊ لفظ ۽ اصطلاح پيش ڪجن ٿا.

**سنڌي-انگريزي لغت جو ذخيرو، جن جي انگريزي ڏيڻ ضروري نہ سمجهي وئي آهي. انهن لفظن ۽ اصطلاحن جي انگريزي، ننڍين ڏنگين ۾، ليڪڪ طرفان درج ڪجي ٿي:**

اشاعتاڻو (Publication)، ڪمپوزگ (Composing). عام طور ’ڪمپوزنگ‘ لکيو ويندو آهي. هتي ’نگ‘ آواز کي ’گ‘ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. اهڙو ٻيو لفظ ’انجنيئرنگ‘ آهي جنهن کي ’انجنيئرگ‘ لکيو ويو آهي، تيون لفظ ’ترينگ‘ آهي جنهن کي ’ترينگ‘ ۽ چوٿون لفظ ’پريڪٽسنگ‘ آهي، جنهن کي ’پريڪٽسگ‘ ڪري لکيو ويو آهي. اسان وٽ هڪ لفظ ’رنگُ‘ مروج آهي، جيڪو جاين، جڳهن ۾ سونهن، سوڀيا لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي، پر جڏهن رَئي کي رنگ ڪرائبو آهي، تہ رنگ ڪندڙ کي ’رڱيندڙ‘ چيو ويندو آهي ۽ رڱڻ جو ڪم ڪرائبو آهي، تہ رڱيندڙ کي چئبو آهي تہ رئو يا ڪپڙو ’رڱي‘ ڏي. انگريزي ٻوليءَ ۾ ’گ‘ کي ’ng‘ سان لکيو ۽ ’گ‘ سان اُچاريو ويندو آهي، ان ڪري مٿي ڄاڻايل چئني لفظن ۾ ’نگ‘ بدران ’گ‘ ڪتب آندو ويو آهي. اهي اچار قبوليت جوڳا آهن، جيڪڏهن مروج ڪبا، تہ ڪجھ ورهين بعد اوپرا محسوس نہ ٿيندا. ٻين لفظن جي ذخيري ۾، ڀاڱيداري (Contributions)، پرتن جو تعداد (Quantity)، رياضيات (Mathematics)، ٽيڪنيپياسي (Technological)، امانتاڻ (Trust)، وڄا (سائنس)، وڄاوان (سائنسدان)، علم جينيات يا تُخميات (Genetics)، هدايتمان (Director) ۽ مقناس (Magnet) شامل آهن، جن تي گڏيل صلاح مصلحت جي گهرج آهي.

**سنڌي-انگريزي لغت ۽ اصطلاحن جو ذخيرو، جن جي انگريزي درج ڪئي وئي آهي:** ”آنهن ۽ نانهن (Being and nothing)، اتساهت (inspiration)، احمقانہ حرڪتون (slipping actions)، افادي (Functional)، اڪارت خانا (Scrap Yards)، املا (Spelling)، اڻ جهل کِل (horse laugh)، اڻ سڌريل (Primitive)، باهمي عمل (Interaction)،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

برقياتي ذريعات (Electronic media)، ٻولارا (slangs)، تجريديت (Abstractness)، تخاطب (oratory)، تصور (impression)، ٽوٽڪائي (charmer)، پهاڪاتي (Proverbial)، چوڻي (saying)، ڇاپڪ ذريعات (Print media)، حد کان وڌيڪ دلير (over daring)، حواليه ڪتابَ (reference books)، خالصيت (Puristic)، خود اظهاريت (self-expression)، ديد پن (vision)، رخ (Dimension)، ساڃاهه (intellect)، سياءُ (Quality)، سجهاداري (Communication)، سجهاءُ رس/سجهاءُ رسي (Communication)، سُوجهه (perception)، ظاهري ڏيک (appearance)، فن ۽ فند (Art & craft)، في البديهه (extempo) [extempore]، قبول عام (Popular)، قواعد پرستي (Pedantic)، گفتار (Cliché)، ڳٽهار (illusion)، لفظيات (Vocabulary)، لکا ڳٽت (Literature)، لوڪ رس (Folk lore)، مُنجهداري (complexity)، ميڪانيت (Mechanism)، نحوي ساخت (syntax)، نروار/اظهار/سُخن (expression)، نقط انداز (concept)، ننڍ-ٻوليون (Dialects)، وايوڪياتي لحاظ کان (Phonetically)، ورتانت (Treatment)، ورجيسيات (Phraseology)، وهنوارڪ (Description).

**نج سنڌي لغت جو ذخيرو، جن جي انگريزيءَ جي گهرج نه آهي:**

پيڙهڪا، پهڪار (پهاڪا جوڙيندڙ)، گفتار ڄ گفتارون، پاڳيداري ڄ پاڳيداريون، ارتقاوَ، ادبياتي، ٻولاچاري، روپ سروپ، جوٽٽهار، سنڌيڪاري، سُراهپ، ٻاراپڻ کان ٻڍاپڻ، هٽ وسيڪ، مهمياتي، سونهيات، وايوڪيات، رنگ سروپ (عام طور "رنگ روپ" لکيو ۽ ڳالهايو ويندو آهي)، ڏاڪڙا.

انهن انيڪ خوبصورتين ۽ خوبين جي وچ ۾، جڏهن ديد پن (vision)، دور ازڪار، ازان سواءِ، نابڪار، هرزه سرائي، يا انگريزي لفظن 'چيلينجز' ۽ 'انچارج' تي نظر پوي ٿي، يا 'الفاظن' ۽ 'اعمالن' جهڙا جمع جا جمع پڙهون ٿا، ته ڪجهه ڏک به ٿئي ٿو! ان باوجود، ڊاڪٽر عرساڻيءَ طرفان پيش ڪيل لفظي ۽ اصطلاحي ذخيري جا ڪيترائي لفظ بيحد ٺهڪندڙ ۽ موتيءَ داڻا محسوس ٿين ٿا، ڪي اصطلاح اوڪا ۽ عجيب پڻ لڳن ٿا ۽ ڪي مرڪب لفظ ۽ اصطلاح ٻن ٻولين جي ڳنڍپ سان پڻ جوڙيا ويا آهن، پر هڪ ڳالهه پڌري آهي ته اهو اصطلاحي ۽ لغتي پورهيو نظر انداز ڪرڻ جهڙو، ڪنهن به ريت نه آهي، ان تي نئين نظر وجهي، بهتر کان بهترين ڪرڻ جي گهرج آهي.



Kalachi Research Journal ڪلاچي تحقيقي جرنل

پهاڪن جي ابتدا تي نظر ڏربي، ته سُڌ پوندي، ته پهاڪن جي پهرين لغت ديوان ڪوڙي مل چندن مل کلناڻيءَ جي ١٨٨٩ع ۾ "آواز اخلاق عرف سنڌي پهاڪا" جي نالي سان ڇپي، جنهن ۾ ٨٠٧ پهاڪا الف-ب وار ڏنا ويا، البت طوالت ۽ خرچ کان بچڻ خاطر انهن پهاڪن جا تشريحي جملا ڏنا نه ويا. ان بعد پهاڪن ۽ چوڻين تي گهڻو ئي ڪم ٿيو آهي. لڳ ڀڳ سڀني پهاڪن جي ڪتابن ۾ پهاڪن ۽ چوڻين جي ترتيب، لغت واري انداز ۾، الف-ب وار ئي رکي وئي آهي، البت اندروني ترتيب ۾ ان طرف جوڳو ڌيان ڏنو نه ويو آهي. پهاڪن ۽ چوڻين جي انهن ڪتابن جي تسلسل ۾، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جو نئون ڪتاب "اوسر پهاڪاتي لغت" هڪ شاندار ڪتاب آهي، جيڪو 'لغت' لفظ جي واهپي سبب پهريتِي لغت طور پرکي سگهجي ٿو. هن ڪتاب منجهه سنڌي پهاڪن، محاورن، چوڻين ۽ گفتارن سميت مساوي اردو ۽ انگريزي پهاڪا پڻ درج ڪيا ويا آهن. ان حوالي سان مذڪوره ڪتاب جي خوبين جو ذڪر ڪندي، ڪتاب جي پيش لفظ ۾، ڊاڪٽر احسان احمد عرساڻي لکي ٿو:

"هن ڪتاب ۾ هزارن جي تعداد ۾ چوڻيون، پهاڪا ۽ گفتارون شامل آهن، جن جي نه رڳو سمجهاڻي پيش ڪيل آهي، بلڪ تاريخي پسمنظر ۽ ويندي حوالن سان استعمال جا مثال پڻ ڏنا ويا آهن. انيڪ مختلف ڪتابن، ناولن، مضمونن مان حاصل ڪيل هي هزارين پهاڪا تمام وڏي محنت سان سهيڙي هن ڪتاب ۾ ترتيبوار شامل ڪيا ويا آهن... سوين سنڌي پهاڪن جا متبادل انگريزي ۽ اردو پهاڪا پڻ پيش ڪيا ويا آهن، جن سان پڙهندڙن ۾ نه رڳو پهاڪن جو فهم اڃا چٽو ٿيندو، بلڪ ٻين ٻولين مان يا ۾ وٽندڙ ترجما ڪرڻ ۾ پڻ هيءُ ڪتاب هڪ عظيم مددگار ثابت ٿيندو... هن ڪتاب ۾ هر پهاڪي جو امڪاني تاريخي پسمنظر پڻ پيش ڪيل آهي، جنهن سان پهاڪي کي ان جي اصل روح مطابق سمجهي سگهجي."[٦]

هيءُ ڪتابُ اداري جهڙو ڪم ڪندڙ هڪ فرد جي بهترين ڪوشش طور ۽ پنهنجيءَ ضخامت ۽ پهاڪن ۽ چوڻين جي ڪثرت سبب نمايان حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي. 'اوسر پهاڪاتي لغت' جي پهرين ٽن بابن ۾ ٻوليءَ، اظهار، ان جي نمونن، پهاڪن ۽ چوڻين جي موضوعن تي ته خوب لکيو ويو آهي، پر چوٿون باب 'فلسفي ۽ سائنس سان سنڌي پهاڪن جو ڳانڍاپو' ۽ پنجون باب 'سنڌي پهاڪن ۾ نڪته شناسي ۽ قومي تهذيبي قدرن جي اپٽار' موضوعي طور ڌيان ڇڪائيندڙ آهن. مثال طور ٻئي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

باب 'سنڌي پهاڪاتي ادب ۽ پَهڪار' ۾ ڊاڪٽر عرساڻي لکي ٿو:

"سنڌي پهاڪن جو مطالعو ڪرڻ سان انهن مان هڪ طرف سنڌين جي قومي شائستگي ۽ اخلاقيات ۽ تهذيبي قدرن جو عڪس ملي ٿو، ته ٻئي طرف انساني نفسيات ۽ فطرت جو مطالعو حاصل ٿئي ٿو. ان ۾ انساني گڻ ۽ اوگڻ ٻئي شامل آهن. ان کان علاوه سماجي عمل، گهريلو زندگي، عام هلت ۽ انساني ٻنڌڻ ۾ سمايل خوبين خامين تي به پهاڪن ۾ روشني وڌي وئي آهي، جن جو بل آخر مطلب به نصيحت ڏيڻ آهي."[٧]

هيءُ تجزيو پهاڪن جي سماجي ڪارج جي نشاندهي ڪندڙ ۽ واٽ ڏَسيندڙ آهي، جنهن وسيلي سماج جي مطالعي ۾ سهڪار وٺي سگهجي ٿو. ان کان سواءِ سنڌي سماج ۾ مروج پهاڪن ۾ سمايل لوڪ ڏاهپ (folk wisdom) ۽ عام روين جي عڪاسيءَ جو ڏس ڏيندڙ آهي.

هِن پلوڙ لغت جي ترتيب ۾، سنڌي الف-ب موجب، باب پنجين ۾، ٥٠٢٨ داخلائن تي مشتمل، پهاڪن، محاورن وغيره ڪي پيش ڪيو ويو آهي ۽ هڪ وک اڳتي وڌندي، زيلي يا اندروني ترتيب به، ننڍن عنوانن سان، ظاهر ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ پهرئين اکر بعد ايندڙ ٻئي اکر کي پڻ نروار ڪيو ويو آهي، ته جيئن گهربل پهاڪي کي سولائيءَ سان کوجي سگهجي. مثال طور 'ج' اکر سان شروع ٿيندڙ پهاڪن ۾ پهريائين 'ج-ا'، پوءِ 'ج-ب' ۽ ان بعد 'ج-ت' اکرن تي مشتمل پهاڪا پيش ڪيا ويا آهن.(٨) 'ج-ب' ۽ 'ج-ت' جي وچ ۾ ايندڙ اکرن 'ج-ٻ' ۽ 'ج-پ' کي ان ڪري ڇڏيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته انهن ٻن لڳولڳ اکرن سان شروع ٿيندڙ پهاڪا وغيره جڙيل ڪونهن. اهڙو اضافي ۽ سهڻو سٽاءُ سڄيءَ لغت ۾ آنڌل آهي. ان ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي ته ٽي ٽي اندروني ترتيبون پڻ گڏ لکيون ويون آهن، جهڙوڪ: پهاڪاتي لغت جي مُنڍ ۾ ئي، صفحي-٣٠ تي، 'آ-ب'، 'آ-ت' ۽ 'آ-پ' جون ٽي زيلي ترتيبون، صفحي-٦٠ تي 'ب-ت'، 'ب-ٽ' ۽ 'ب-ج' جون زيلي ترتيبون، صفحي-٢٥ تي 'ڏ' اکر هيٺ 'ڏ-ا' ۽ 'ڏ-ج' جون زيلي ترتيبون يا صفحي-٢٧٧ تي 'و-ب' ۽ 'و-ت' جون زيلي ترتيبون ڏنل آهن. منهنجي راءِ پٽاندر، اهي سڀئي الڳ الڳ زيلي ترتيبون هجڻ گهرجن ها. ان کان سواءِ، ان سٽاءَ ۾ ترتيب جون ڪي اتفاقي چُڪون به رهجي ويون آهن، جن کي لغت جي ٻئي ڇاپي ۾ درست ڪرڻ گهرجي، جهڙوڪ: 'ت-م' اکرن هيٺ ٽي داخلائون، ١٠٢٠، ١٠٢١





۽ ١٠٢٢ نمبرن هيٺ، هن ريت درج ڪيون ويون آهن:

١٠٢٠. تَمَر جو مِرون (محاورو)

١٠٢١. تُوم

١٠٢٢. تُوم مان زعفران (محاورو)

پڌرو آهي، ته داخلا نمبر ١٠٢١ ۽ ١٠٢٢ 'ت-م' بدران 'ت-و' ۾ اچڻ گهرجن ها، جنهن جا داخلا نمبر-١٠٢٣ کان ١٠٢٨ تائين آهن ۽ 'ت-م' ۾ صرف؛ داخلا نمبر-١٠٢٠ هجي ها. ان کان سواءِ داخلا نمبر-٤٨٧: 'ٻئي گدرا مُٺ ۾ ٿو ڪرڻ چاهي' 'ٻ-گ' بدران 'ٻ-ئ' ۾ درج ٿيندي، صفحي ١٤٤-١٤٥ تي آنڌل داخلائون ٢١١٣ ۽ ٢١١٤ بيهر 'د-و' هيٺ اچڻ بدران صفحي نمبر ١٤٣ کان شروع ٿيندڙ 'د-و' ۾ درج ٿينديون. جڏهن ته، صفحي-١٧٣ تي 'س-ڙ' کان پوءِ 'س-ف' جا پهاڪا وغيره درج ڪيا ويا آهن جيڪي صفحي-١٧٤ تي 'س-س' بعد درج ٿيندا ۽ صفحي-٢٣٢ تي داخلا نمبر-٣٧٥٤ جِي بدلَ داخلا نمبر-٣٧٥٣ سان ٿيندي. اهو پڻ هڪ سوال آهي ته، متي ڄاڻايل داخلا-١٠٢١، بعنوان 'تُوم'، هن پهاڪاتي لغت جو حصو هجڻ به گهرجي يا نه، ڇاڪاڻ ته 'تُوم' نه ته پهاڪو آهي، نه محاورو، نه چوڻي ۽ نه ئي گفتار، البت 'تُوم هجڻ' يا 'تُوم نه هجڻ' هڪ اصطلاح آهي. 'جامع سنڌي لغات' ۾ 'تُوم هجڻ' بابت ته ڪجهه به لکيل ناهي! البت، 'تُوم نه هجڻ' بابت هن ريت ڄاڻايل آهي:

تُوم نه هجڻ. طاقت نه هجڻ. همت نه هجڻ.[٩]

"اوسر پهاڪاتي لغت" ۾ ڪي هندي پهاڪا به درج ڪيا ويا آهن، جهڙوڪ:

داخلا نمبر-٦٨. آيا رام گيا رام، يا

داخلا نمبر-٧٢. اب پڇتاوڻ ڪاهي ڪو، جب چڙيا چگ گئي کيت.[١٠]

ان کان سواءِ فارسي پهاڪا ۽ چوڻيون پڻ هيٺين ريت نظر اچن ٿيون، جن مان ڪٿي ڪٿي، ڏنگين ۾، فارسي ٻوليءَ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي، نه ته گهڻي ڀاڱي انهن کي اڻ نشاندهيو ڇڏي ڏنو ويو آهي:

داخلا نمبر-٢٠٥٧. دَست ڪشيده آسمان ديده.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

داخلا نمبر-٢١١٤. دور باش، خوش باش.

داخلا نمبر-٢٧٩٢. شامت اعمال ما صورت نادر گرفت.

داخلا نمبر-٣٩٦٩. مادرچہ خياليم فلڪ درچہ خيال.

داخلا نمبر-٣٩٧١. ماراچہ ازين قصہ ڪہ گاد آمد و خررفت.

داخلا نمبر-٣٩٩٢. مال حرام بود بجاءِ حرام رفت.

داخلا نمبر-٤١٧١. مفت را چہ گفت؟

داخلا نمبر-٤٢٠٨. من آنم ڪہ من دانم.

داخلا نمبر-٤٢١١.من چہ مي سرائم و من چي من سرائد.

داخلا نمبر-٤٢١٢. من خوب مي شناسم پيران پارسا را.

داخلا نمبر-٤٤٣٤. نرخ بالاڪن ڪہ ارزاني هنوز.

داخلا نمبر-٤٥٦١. نيم نان، صحت جان.

داخلا نمبر-٤٨٣٨. هر ڪہ آيد عمارت نؤ ساخت.(١١)

سنڌي ٻوليءَ جي هِن پهاڪاتي لغت ۾، اهي ۽ اهڙا ٻيا هندي، اردو، فارسي وغيره پهاڪا ۽ چوڻيون، سمجهي سگهجي ٿو، تہ 'لغت' هجڻ سبب ٿي درج ڪيا ويا هوندا، نہ تہ جيڪڏهن اهي الڳ باب جي صورت ۾ مرتب ڪجن ها، تہ چِٽو ٿي پوي ها تہ ڪهڙا ڪهڙا ٻين ٻولين جا پهاڪا ۽ چوڻيون سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ڪتابن ۾ لکيا ويا آهن يا سنڌي سماج ۾ مستعمل رهيا آهن. بهرحال، هن اهم لغت ۾ انيڪ سُهڻايون ۽ سندرتائون آهن، جن ۾، هن 'لغت' جي باب ڇهين ۾ 'سنڌي ۽ اردو هم معنيٰ پهاڪا' (١٣٧-داخلائون)، باب ستين ۾ آنڌل 'انگريزي ۽ سنڌي هم معنيٰ پهاڪا' (٧٨٩ داخلائون) ۽ باب اٺين ۾ سهيڙيل 'گفتارون' (٢٤٣ داخلائون) پڻ شامل آهن. مون کي پڪ آهي تہ جڏهن بہ ان لغت جي علمي طور تفصيل سان ڪَٿ ٿيندي، تڏهن ان جو مُلهہ اڻ مُلهہ وڃي بيهندو، ۽ اهو بہ تہ مستقبل ۾ 'اوسر پهاڪاتي لغت' کي بنياد بڻائي، ڪو علمي يا ادبي ادارو "جامع پهاڪاتي لغت" ڏانهن وک وڌائيندو.

'اوسر پهاڪاتي لغت' کان ١٧-سال اڳ، ١٩٩٧ع ۾، ڊاڪٽر شمس الدين





عرساڻيءَ جو ڪتاب 'سنڌي ورجيسي ٻولي' ڇپيو. ان ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ٢٠١٠ع ۾ پڌرو ٿيو. هيءُ ڪتاب پڻ پهاڪن ۽ محاورن تي مشتمل آهي، جيڪي موضوع وار ڪني ڪيا ويا آهن. اها هن ڪتاب جي خاص خوبي آهي. ان خوبيءَ ۾، هڪ ٻي بہ خوبي شامل ٿي پوي ها، جيڪڏهن پهاڪن وغيره کي 'الف-بي' وار درج ڪيو وڃي ها. ڇاٽايل ٣٧-موضوعن ۾ 'نالو-ذات-لقب'، 'ماڻهو، مرد، عورت ۽ مڙس'، 'مٽ مائٽ، برادري ۽ سڱابندي'، 'ماڻهوءَ جي عضون ۽ عيبداري بابت'، 'هنرمند ۽ ڌنڌي وارا'، 'وزير، بادشاهہ، راجا، راڻي'، وغيره شامل آهن. انهن کان پوءِ ٣٨-نمبر کان 'محاورا'، 'گفتارون'، 'ڪجهہ سنڌي ۽ اردو هم معنيٰ پهاڪا'، 'سنڌي ٻوليءَ ۾ مستعمل ڪجهہ انگريزي پهاڪا' ۽ 'انگريزي ۽ سنڌيءَ جا هم معنيٰ پهاڪا' ڪتاب جو حصو بڻايا ويا آهن. هن ڪتاب جي 'پيش لفظ' ۾، ڪتاب جي ضرورت بابت، ڊاڪٽر عرساڻي لکي ٿو:

"گهڻي وقت کان اهڙي ڪتاب جي ضرورت محسوس ڪئي پئي ويئي، جنهن ۾ صرف پهاڪي جو مطلب ۽ مفهوم مختصر ۽ آسان لفظن ۾ سمجهايو ويو هجي ۽ جيڪو ترت استفادي لاءِ ڪارائتو بڻجي سگهي."(١٢)

هن ڪالمن ۾ ورهايل ان ڪتاب جو سمورو موادُ اهڙي شاهدي ڏيندي نظر اچي ٿو. مثال طور:

"اکين کان انڌي، نالو نور خاتون: اڻ ڄاڻ ۽ بي عقل ماڻهو پاڻ کي عاقل سڏائي. برعڪس ڪم يا ابتڙ دليل، جنهن ڪم تي فائز تنهن کان اڻ واقف."(١٣)

"ڊونڊي ٻيڙي، پڳهہ پراڻا: پيريءَ ۾ سڀ عضوا ڪمزور ٿي ويندا آهن."(١٤)

هن ڪتاب 'سنڌي ورجيسي ٻوليءَ' جو لڳ ڀڳ سمورو پهاڪن، چوڻين ۽ سمجهاڻين تي مشتمل مواد، ٿوري گهڻي ڦير ڦار سان، عرساڻي صاحب جي ڪتاب 'اوسر پهاڪاتي لغت' ۾ آنڌل آهي. ان ڪري 'اوسر پهاڪاتي لغت' جي خوبين کي وڌائڻ ۾ 'سنڌي ورجيسي ٻوليءَ' جي تحقيقي ڪم کي بہ شامل ۽ هِن ڪتاب جي الڳ حيثيت کي معطل سمجهڻ گهرجي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڊاڪٽر عرساڻيءَ جو لکيل هڪ درسي ڪتابُ، مادري ٻوليءَ جي تعليمي اصولن لاءِ، ’سنڌي ٻوليءَ جي سکيا‘ (١٩٨٦ع) آهي. هيءُ ڪتاب استادن جي سِي ٽِي (CT) ۽ پِي ٽِي سِي (PTC) ڪورس لاءِ لکيو ويو هو، ته جيئن استادن کي مادري ٻولي پاڙهڻ جا اصول سيکاري سگهجن، ڇاڪاڻ ته ”ملڪي ترقيءَ توڙي تعليمي ڦهلاءُ ۾ مادري زبان هڪ اڻ گس ۽ ضروري وسيلي جي حيثيت رکي ٿي.“(١٥) هن ڪتاب جي ٻولي گهڻي قدر سمجهاڻيءَ واري آهي. هيءُ ڪتاب جملي چوڏهن بابن تي مشتمل آهي، جن جو مواد مادري زبان، ان جي اهميت، مادري زبان پاڙهڻ جي مقصدن، مادري زبان جي ٻين نصابي مضمونن سان ڳانڍاپي، مطالعي ۽ ان جي مسئلن، سنڌي زبان پڙهائڻ جي طريقن، سِکيا جي امدادي شين، سبق ٺاهڻ جي خاڪن سميت سنڌي ذريعہ تعليم جي واڌاري طور پيش ايندڙ رڪاوٽن ۽ انهن جي حل کي مجموعي طور بيان ڪري ٿو. پنهنجيءَ نوعيت جو هيءُ ڪارگر ڪتاب آهي، جيڪو عرساڻي صاحب وقت جي تقاضا موجب ۽ سنڌي ٻوليءَ سان محبت سبب لکيو. ڪتاب جي ٻئي باب ۾، مادري زبان جي ٻين نصابي مضمونن جهڙوڪ: سائنس، رياضيءَ، سماجي اڀياس، وغيره سان ڳانڍاپي کي چڱيءَ پر بيان ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح، ٻوليءَ جي سکيا ۾ ٻُڌڻ جي اهميت ۽ طريقيڪار، ڳالهائڻ جي انداز، اهميت، اصولن ۽ طريقن ۽ پڙهڻ جي اهميت تي پڻ عرساڻي صاحب مختلف بابن ۾ تفصيل سان لکيو آهي. تدريسي نوعيت جي هھڙن ڪتابن جي سدائين گهرج رهڻي آهي، ان ڪري ضرورت محسوس ٿئي ٿي، ته تعليمي سکيا جي سيني ڪورسن جا معياري ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ جوڙيا ۽ پڙهايا وڃن ۽ انهن جا وقت سر نوان، سُڌاريل ۽ وڌايل ڇاپا پڌرا ڪيا وڃن.

سنڌي ٻوليءَ بابت تحقيق جي سلسلي هيٺ ئي، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جو ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جي جهانَ جي کوجنا‘ (٢٠٠١ع) لکيل آهي. هيءُ ڪتاب پڻ استادن ۽ شاگردن جِي ادب سان دلچسپي وڌائڻ ۽ ٻوليءَ کي بهتر بڻائڻ جي حوالي سان لکيو ويو آهي. هي ”...ڪتاب سنڌي سٽاڻ (composition) متعلق آهي، جيڪو درست ۽ معياري ٻولي لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي باري ۾ تحرير ڪيل آهي. اهو اصل ۾ تعليمي ۽ علمي ادبي مقاصد حاصل ڪرڻ جي غرض سان لکيو ويو آهي. ان کي ٻوليءَ جي امدادي ڪتابن جي سلسلي جي هڪ ڪڙي سمجهڻ گهرجي.“(١٦) ان ڪري ئي مختلف سمجهاڻين بعد، شاگردن جي عملي ڪم لاءِ مشقون پڻ ڏنيون ويون آهن ۽





مفصل مثال پڻ درج ڪيا ويا آهن. هيءُ ڪتاب ڪُل ١٣-بابن ۾ ورڇيو ويو آهي، جن مان پهرين ۵-باب، هڪ ئي سلسلي هيٺ، لفظ جي ٺهڻ، ڪم ڪرڻ، ٽُر لفظن، خصوصي لفظن ۽ سالم لفظن کي بحث هيٺ آڻين ٿا. انهن پنجن بابن ۾ مرتب لفظن، مرڪب لفظن، لفظن ۾ سمايل متعدد معنائن ۽ مفهومن، مختلف معنائن جي تبديلين، آوازي مشابهت وارن لفظن، معنوي مشابهت وارن لفظن، ضد لفظن، ٻٽن لفظن، واحد جمع لفظن ۽ مذڪر مؤنث لفظن کي سمجهايو ويو آهي ۽ انيڪ مثال ڏنا ويا ۽ لفظن جون لڙهيون پيش ڪيون ويون آهن، جيڪي ڄاڻائن ٿيون ته عرساڻي صاحب جي، سنڌي زبان جي لغت تي گهِري نظر آهي. انهن لڙهين ۾ جيڪڏهن واحد-جمع، ضد ۽ مذڪر-مؤنث لفظن کي الفَ-بي وار پيش ڪيو وڃي ها، ته هن ڪتاب جي سونهن ۾ اضافو ٿي پوي ها. ان کان سواءِ ڪي لفظِي جوڙا ضد لفظن ۾ بہ شامل ڪيا ويا آهن ته مذڪر-مؤنث ۾ پڻ ڏنا ويا آهن، جنهن ڪري شاگردن لاءِ ڪجھ مونجهارو پيدا ٿئي ٿو، ته انهن جي واجبي جڳهه ڪٿي آهي يا ٻئي جڳهون واجبي آهن. مجموعي طور اهي سيئي باب، شاگردن ۽ نون لکندڙن جي سٺي رهنمائي ڪندڙ آهن. انهن بابن کان پوءِ ايندڙ ٣-بابَ، ڇهون، ستون ۽ اٺون، ’جڙاوتي يا تشڪيلي ٻولي‘، ’اصطلاحي ٻولي‘ ۽ ’ڀاڪاتي ٻولي‘ عنوانن تحت آهن، جن ۾ تشبيهن، استعارن، ڪناين، مجاز مرسل، اصطلاحن، محاورن، ڀاڪن ۽ چوڻين کي بحث هيٺ آندو ۽ سولن لفظن ۾ سمجهايو ويو آهي. انهن بابن جي خاص ڳالهه، باب-٧ ۾، ١٣٢-اصطلاحَ سمجهاڻين ۽ مثالن سُوڌو ۽ ٦٧-محاورا معنائن سان پيش ڪرڻ آهي، جن جي مطالعي سان سنڌي ٻوليءَ جي حسناڪ ذخيري سان واقفيت وڌي ٿي. انهن اصطلاحن کي جيتوڻيڪ الف-بي وار درج ڪيو ويو آهي، پر ڪجھ هنڌن تي، داخلائن ۾ غلطيون رهجي ويون آهن جهڙوڪ ۴-نمبر اصطلاح ’آڱو پيڇو نہ سنڀالڻ‘ (ص-٨٢)، پهرئين نمبر طور اچڻ گهرجي ها، ١٠٣-نمبر اصطلاح ’ڏاڙ ۾ پير هڻڻ‘ (ص-١٢٠) ’ڏ‘ اکر سان شروع ٿيندڙ اصطلاحن کان پوءِ درج ڪيو ويو آهي جڏهن ته ان جي صحيح جڳهه ’د‘ اکر کان پوءِ آهي، يا ١١٣-نمبر اصطلاح ’شيطان کي موڇڙو هڻڻ‘ (ص-١٢۵) ’س‘ اکر وارن اصطلاحن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ، انهن اصطلاحن کي، لفظ جي اندروني لغتي ترتيب پٽاندر، پهرين اکر کان پوءِ ايندڙ الف-بي وار ٻئين، ٽئين اکر جي ترتيب کان سواءِ درج ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري انهن جي ترتيب پوريءَ ريت الف-بي وار نہ ٿي ويهي. جڏهن ته

محاورا ڪنهن بہ ترتيب کان عارِي آهن. لڳ ڀڳ سيئي محاورا، عرساڻي صاحب جي جوڙيل، ’اوسر پهاڪاتي لغت‘ (۲۰۱۵ع) جو حصو پڻ بڻايا ويا آهن. ڪتاب جي اٺين باب ’پهاڪاتي ٻولي (پهاڪا ۽ چوڻيون)‘ ۾، پهاڪن جي نندايل وصف ۽ سمجهاڻيءَ بعد، ۲٦۴ عدد پهاڪا ۽ چوڻيون، سمجهاڻين سميت، شامل ڪيون ويون آهن. اهي پڻ جيتوڻيڪ الف-بي جي ترتيب ۾ آهن پر انهن ۾ بہ لغتي ترتيب جون اوڻايون ملن ٿيون، جن کي، ڪتاب جي نئين ڇاپي ۾، درست ڪرڻ جي گهرج آهي. هي سيئي پهاڪا ۽ چوڻيون، عرساڻي صاحب جي اڳ ڇپيل ڪتاب ’سنڌي ورجيسي ٻولي‘ (۱۹۹۷ع) ۽ پوءِ ڇپيل ڪتاب ’اوسر پهاڪاتي لغت‘ (۲۰۱۵ع) ۾ پڻ شامل آهن. ڪتاب جو نائون باب ’شعر ۽ شاعري‘ جي عنوان سان آهي. ’هن باب ۾ شاگردن جي ذهني سطح کي نظر ۾ رکندي، سنڌيءَ جي اڳاٽن شاعرن جي ڪلام مان ڪجهہ مثالي بيت هتي ڏنا ويا آهن، جيڪي سيئي زندگيءَ جي عام مسئلن سان واسطو رکن ٿا.‘(۱۷) انهن شاعرن ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، خليفو گل محمد گل، آخوند محمد قاسم، مير عبدالحسين سانگي، محمد صديق مسافر ۽ محمد بخش واصف شامل آهن، جن جا جملي ۷۵ مختلف موضوعن هيٺ شعر ڏنا ويا آهن، جيڪا هن باب جي خاص خوبي آهي. انهن موضوعن ۾ ’مجاهدانہ زندگي‘، ’صحبت غمگسار‘، ’خوش خلقي ناپيد آهي‘، ’ظالم يا سرڪش نفس‘، ’مقصد لاءِ قرباني‘، ’درد باعث وصل‘، ’سراپا غم‘ ۽ ٻيا نروار ڪيا ويا آهن جن سان شاگردن جي شعرن ۾ دلچسپي وڌائي سگهجي ٿي. مثال طور، ’فاني زندگي‘ موضوع هيٺ، لطيف سائينءَ جو هيءُ ٺهڪندڙ بيت ڏنو ويو آهي:

جر ۾ ڦوٽو جيئن، لهرن لڳي اڏ ٿئي،
تون پڻ آهين تيئن، دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.

هن باب جي مطالعي سان، هڪ خيال هيءُ ذهن ۾ اچي ٿو تہ، جتي مختلف موضوع نظر اچن ٿا، اتي فقط ستن شاعرن جي محدوديت، نہ ڄاڻ ڇو رکي وئي آهي! جيڪڏهن موضوعن جي گهڻائيءَ وانگر، شاعرن جي بہ ڪثرت هجي ها، تہ هن باب جي تحقيقي سونهن ۾ اضافو ٿي پوي ها! ان بعد، باب ڏهون مضمون نگاريءَ بابت آهي، جنهن ۾ مضمون جي گهرجن کي سمجهايو ويو آهي ۽ مضمون نويسيءَ جا رهنما اصول ٻڌايا ويا آهن ۽ مثالي مضمونن طور ڏهن مختلف عنوانن تحت نندا مضمون لکيا





ويا آهن. انهن عنوانن ۾ ’منهنجي حياتيءَ ۾ سڀ کان خوشيءَ جو ڏينهن‘، ’منهنجو بهترين دوست‘، ’سنڌي ثقافت‘ ۽ ٻيا شامل آهن. هيءُ باب نون مضمون نگارن جي سٺي رهنمائي ڪندڙ آهي.

ڪتاب جو يارهون باب ’سنڌي ڳالهائڻ جا مختلف نمونا ۽ لفظن جا جدا جدا اُچار‘ آهي جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن (dialects)، انهن جي محاورا، مقامي محاورا ۽ اُپياشا پڻ سڏيو وڃي ٿو) جي لفظن، لفظن جي اُچارن، محاورن ۽ جملن جي جوڙجڪ کي بحث هيٺ آندو ويو آهي. انهن مان اٺن لهجن کي عرساڻي صاحب ’نندڍ ٻوليون‘ جو نالو ڏنو آهي، جن ۾ سَريلي، لاڙِي، ساهتِي، وچولِي، ٿرِي، ڍاٽڪِي، ڪڇِي ۽ لاسِي لهجا لکيا آهن.(۱۸) حيرت جي ڳالهہ آهي تہ مختلف محققن لهجن بابت مختلف نالا پئي ڄاڻايا آهن. جهڙوڪ: محمد اسماعيل عرساڻيءَ، سيد محمد صالح شاهہ بخاريءَ ۽ سيد قادر بخش شاهہ بخاريءَ ٦-لهجا ’سرو، لاڙ، وچولو، ڍٽ، ڪڇ ۽ ڪوهستان‘ ڄاڻايا آهن.(۱۹) الانا صاحب، ستن لهجن جو ذڪر ڪندي، لکي ٿو، ”جاگرافيائي حالت جي لحاظ کان سنڌي زبان اُترادي يعني سريلي، وچولي، لاڙي، ٿري، ڪوهستاني، ڪڇي ۽ لاسي لهجن ۾ ورهايل آهي.“(۲۰) ڊاڪٽر بلوچ، ’جامع سنڌي لغات‘ جي پهرين جُلد ۾، ’اتر (سرو)، لاڙ، ڪوهستان ۽ ڪاڇي، ٿر، ڍٽ، ڪاري، لس ٻيلي ۽ ڪڇ‘ جا نالا، انهن پاسن جون ’ٻوليون‘ ۽ ’مڪاني ٻوليون‘ ڪري پيش ڪيا آهن!(۲۱). علي نواز جتوئي صاحب ’وچولي کي معياري سڏي، ٻيا لهجا اترادي، لاڙي، ٿري، لاسي، ڪوهستاني ۽ ڪڇي‘ مقامي ٻولين طور ۷-لهجا ڄاڻايا آهن.(۲۲) جڏهن تہ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ۽ ڊاڪٽر هدايت پريم ’سريلو، وچولو، لاڙي، ٿري، لاسي ۽ ڪڇي‘ نالن سان ٦-لهجا لکيا آهن.(۲۳) حاصل مطلب، تہ انهن مڙني داخلائن مان، ۸-لهجن: ’سريلي (اترادي)، وچولي، لاڙي، ٿري، ڍاٽڪي، ڪڇي، لاسي ۽ ڪوهستاني‘ تي اڪثر محقق متفق آهن. جڏهن تہ انهن لهجن جا اڳا بہ نندڍا لهجا (نندڪ ٻوليون، sub-dialects) پڻ آهن. ڊاڪٽر عرساڻيءَ انهن لهجن جِي، معياري لهجي سان جملا ڏئي، ڀيٽ پڻ ڪئي آهي ۽ هر لحاظ کان معياري لهجي ۾ لکڻ تي زور ڀريو آهي. هن باب جي خاص ڳالهہ هيءَ آهي تہ ان ۾ ’نہ هجڻ، سٺي ۽ خراب، ڪوٺ، ٻِٽي يا ٻيڻي، پرانهين، گڏ هجڻ واريون، وغيره‘ معنائون ڏيکاريندڙ اڳياڙين، وچاڙين ۽ پڇاڙين وارن لفظن جون لڙهيون پيش ڪيون ويون آهن، جيڪي ٻوليءَ جي پڪيڙ جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عڪاسي ڪندڙ آهن ۽ جن جي بنياد تي لفظي ذخيرو وڌائي، ٻوليءَ جي لغت کي وسيع ڪري سگهجي ٿو.

ڪتاب جي ٻارهين باب ۾ سنڌي معياري ٻولي ڳالهائڻ ۽ لکڻ جا ڪجهه اصول بحث هيٺ، عرساڻي صاحب، آندا آهن، چاڪاڻ ته "تحرير وقت معياري ٻوليءَ جا اصول نه ڇڏجن. تحرير ۾ ٻوليءَ جا مستند اصول ڌيان ۾ رکڻ کپن ۽ غير معياري ۽ انوکين ترڪيبن کان پاسو ڪرڻ ئي اسان جي ٻوليءَ جي حق ۾ بهتر ٿيندو."[۲۴] انهن اصولن ۾ مختلف طريقن سان لفظ لکڻ ۽ کو هڪ معياري طريقو اختيار ڪرڻ تي زور پريو ويو آهي، ته جيئن ٻوليءَ جي تحريري صحت برقرار رهي. اهڙن لفظن ۾ 'هئا، هيا ۽ هُوا' مان عرساڻي صاحب 'هُوا' کي ترجيح ڏي ٿو، 'ڪيان ۽ ڪريان' مان 'ڪريان' کي درست سمجهي ٿو، واحد مان جمع ٺاهڻ لاءِ معياري لهجي جي واهپي تي اصرار ڪري ٿو، 'مان کي ۽ مون کي' مان 'مان کي' صحيح ڪوٺي ٿو، 'آءٌ' جي عام واهپي جو قائل آهي ۽ خاص ڪري جملن ۾ حرف جر جي صحيح استعمال تي گهڻو زور پري ٿو. اهم ڳالهه هيءَ به آهي ته عرساڻي صاحب، ان باب ۾، همزه 'ء' تي پڻ تفصيل سان بحث ڪيو آهي ۽ ان جي غير ضروري استعمال کي گهٽائڻ جي سفارش ڪئي آهي، جيڪا نهايت اهم ڳالهه آهي. ان کان سواءِ هن 'ن غُني' جي اجائي واهپي تي پڻ اعتراض واريا آهن، جيڪي گهڻي قدر صحيح آهن. جڏهن ته '۾' ۽ '۽' جي تحريري صورتن کي، 'مين' ۽ 'اَئين' جي ڀيٽ ۾، عمدو سڏيو آهي. هن ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي جَهان جي ڪوجنا' جو آخري تيرهون باب 'هڪ وسيع ۽ ڦهلجندڙ سنڌي زبان ۾ پيش ايندڙ رنڊڪون ۽ نئين دؤر جون تقاضائون' آهي. هن باب ۾، نون مسئلن جي تناظر ۾، عرساڻي صاحبَ سنڌي ٻوليءَ جي بچاءَ ۽ واڌ لاءِ ويچار وندڀيا آهن. عرساڻي صاحب لکي ٿو: "سڀ ماهر لسانيات ۽ تعليمات هڪڙو اصول تسليم ڪن ٿا، ته دنيا جون ٻوليون تبديليءَ ذريعي Complex واري حالت مان نڪري Simplification واري حالت اختيار ڪنديون وڃن پيون. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ "حقيقي اضافا" به فقط اهي ئي چئي سگهبا، جيڪي ٻوليءَ ۾ آساني، سونهن ۽ معنوي وسعت جو سبب بڻيا هوندا. باقي انهيءَ ٽيڙ پڪيڙ کي حقيقي واڌارو ڪري تسليم ڪو نه ڪبو، جنهن جي ڪري ٻولي ماڳهين هڪ جهنگل يا ٻيلي جو روپ ڌاري ٻيهي."(۲۵). هن مضمون ۾، عرساڻي صاحبَ ريڊيي، ٽي وي ۽ صحافت جي ٻوليءَ جو تجزيو ڪيو آهي ۽ رسالن





توڙي اخبارن ۾ ٿيندڙ ترجمن جي ٻوليءَ تي پڻ تنقيد ڪئي آهي ۽ مضمون جي آخر ۾ ننڍ-ٻولين جي واهپي يا مقامي لهجي بدران 'وچولي' جو معياري لهجو ڪتب آڻڻ کي سنڌي ٻوليءَ جي ضرورت سمجهيو آهي. هن باب ۾ پيش ڪيل مضمونُ عرساڻي صاحب جي ڪتاب 'ثقافت ۽ انساني معاشري جي اوسر' (۲۰۱۵ع) ۾ پڻ ورجايو ويو آهي.

مجموعي طور ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي صاحب جو هيءُ ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي جهان جي ڪوجنا'، پنهنجي مواد ۽ موضوعن جي لحاظ کان، هڪ اهم علمي ۽ تحقيقي ڪتاب آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وسيع جهان کي سٺو ڪوجيو ويو آهي ۽ لساني حوالي سان ڪارگر بحث ڪيا ويا ۽ تجويزون پيش ڪيون ويون آهن.

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جي هڪ سٺي عادت، لکڻ جي حوالي سان، هيءَ به رهي آهي ته، هو مختلف مهلن ۽ موقعن تي، سنڌي ٻولي، علم ۽ ادب جي اهم شخصيتن ۽ سندن خدمتن بابت تحقيقي ۽ تاثراتي اپياس، مقالا، مضمون ۽ خاڪا (تنقيدي توڙي تعريفي) لکندو پئي رهيو آهي، ته جيئن نه صرف انهن مانائتين شخصيتن جي ميجتا ڪري سگهجي پر سندن علمي ۽ ادبي خدمتن جي پرک به ڪري سگهجي. عرساڻي صاحب جي ڪتابي پورهئي ۾ شامل به ڪتاب 'فن، شخصيت ۽ انداز' (شخصي ۽ ادبي خاڪا) ۽ 'شخص ۽ عڪس' (ادبي ۽ تنقيدي خاڪا) اهڙا آهن جن ۾ سنڌي ٻولي، ادب، ثقافت ۽ تعليم جي شعبن سان سلهاڙيل ۳۴-شخصيتن بابت، مختلف مهلن ۽ موقعن تي لکيل اپياسي ۽ تاثراتي مضمون ۽ مقالا شامل آهن.

'فن، شخصيت ۽ انداز' ۾، ڪتاب جي مواد بابت، عرساڻي صاحب لکي ٿو:

"منهنجا تنقيدي مقالا ۽ مضمون ۷۰ کان به مٿي مختلف رسالن ۾ ڇپيل آهن، جيڪي ۱۹۶۳ع کان موجوده سال [۲۰۰۲ع] جي عرصي دؤران لکيا ويا. 'فن، شخصيت ۽ انداز' انهن مقالن مان هڪ انتخاب آهي. هن [هنن] تحريرن ۾ فن ۽ فنڪار جو تنقيدي مطالعو ڪيل آهي... هي عام و خاص انسان جن جي شخصيت، فن ۽ انداز تي روشني وڌي اٿم، تن سنڌ جي ادب، فن ۽ ذهانت جي ميدان ۾ آبريزي ڪئي آهي ۽ شعور کي جلا بخشي آهي."[۲۶]

ڊاڪٽر عرساڻيءَ ساڳئي ڪتاب ۾، 'هن ڪتاب جي باري ۾' عنوان سان لکيل پنهنجي پاران ۾، شخصن ۽ سندن عملن تي بحث ڪندي، روحانيت جا ۳-پهلو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هيٺينءَ ريت پيش ڪيا آهن:

”روحانيت جو هڪڙو پهلو اهو ٿيو، ته ماڻهن جو پاڻ ۾ لاڳاپو ۽ ڳانڊاپو انسانيت وارو آهي.“

”انسان جي روحانيت جو ٻيو پهلو، سندس فطرت جي جبر کان آزاد رهڻ واري جدوجهد آهي، جنهن کي هُو ڪائنات جي تسخير سان وسعت ڏيڻ چاهي ٿو.“

”انسان جي روحانيت جو ٽيون پهلو سندس مادي ضرورتن کان جان خلاصي ڪرڻ جي آرزو آهي.“(٢٨)

ڏسجي ٿو ته انهن ٽنهي پهلوئن ۾، انسان ۽ ڪائنات ۾ سندس ڪردار ۽ ڪارج کي، ڊاڪٽر عرساڻيءَ طرفان، ٿورن لفظن ۾ جامع نموني بيان ڪيو ويو آهي، جيڪا سندس قلم ۽ خيالن جي هڪڪرائيءَ جي هڪ اهم خوبي آهي.

مٿين ٻنهي ڪتابن ـــ ’فن، شخصيت ۽ انداز‘ ۽ ’شخص ۽ عڪس‘ ـــ ۾ شامل شخصيتن جي حوالن سان پيش ڪيل نندا عنوان پڻ بيحد موهيندڙ آهن، جن منجهان ان شخصيت جو ’تجلو‘ اکين اڳيان اچي وڃي ٿو. جهڙوڪ: ’فن، شخصيت ۽ انداز‘ ڪتاب ۾ شامل ١٨-شخصيتن ۾، ترتيب موجب، ”ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي ـ پاڪيزه فڪر ۽ فن جو امين“، ”جي ايم سيد ـ سنڌي جهان کي ڳولهي لهندڙ هڪ ديده ور رهنما“، ’شيخ عبدالله عبد ـ تعليم ۽ ادب جو استاد‘، ’سقراطِ دهر ـ مولانا غلام محمد گرامي‘، ’شنگهور شيدي ـ سنڌي ثقافت جو پرورده هڪ پوڳائي‘، ’سر بَيرو ايلس ـ هاٽوڪي سنڌي رسم الخط جو جوڙيندڙ‘، ’نسيم احمد ڪرل ـ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ معروف ڪهاڻيڪار‘، ’مصري شاهه جي شاعري ـ فڪر ۽ فن جو ميلاپ‘، ’محمد اسماعيل عرساڻي ـ هڪ شخصيت ۽ منفرد لکٽهار‘، ’تاج بلوچ ـ غمِ جان ڪان غمِ جهان تائين شاعر جي اُڏام‘، ’شاهه عبداللطيف ڀٽائي ـ سر سارنگ جو تهذيبي ۽ سماجي پس منظر‘، ’وتايو فقير ۽ پوڳ ـ درويش وتائي فقير جي ٽن ڏينهن جي سرگزشت جو بيان‘، ’پروفيسر عبدالرحيم ڏيٿو ـ ڏوٿي منهنجي ڏيهه جو‘، ’مرزا قليچ بيگ ـ سنڌ جو قومي عالم ۽ اديب‘، ’نجم عباسي ـ هڪ عظيم آدرشي انسان ۽ اديب‘، ’طارق اشرف ـ ادب جو ڪاهوڙي‘، ’محمد خان مجيدي ـ جاڳندڙ ضمير جو ڪاهوڙي‘ ۽ ’رفيق سومرو ـ فن ۾ جهاتي پائيندڙ زندگيءَ پويان سرگردان فنڪار‘





آندل آهن. جڏهن ته ’شخص ۽ عڪس‘ ڪتاب ۾ شامل ١٦-شخصيتن ۾، ترتيب موجب، ’سنڌ جو قديم شاعر ۽ سنگيتي فن ـ سمنگ چارڻ‘، ’اوڻيهين صديءَ ۾ سنڌي زبان جو هڪ بنيادي ساهتڪار ـ آخوند عبدالرحيم عباسي‘، ’شاهه لطيف جي شاعريءَ جو تجريدي نقاد ـ ڇيتمل پرسرام‘، ’هڪ جدت پسند ناول نگار ـ مرزا قليچ بيگ‘، ’بلند شعوري ۽ خام خياليءَ جو عڪس ـ ڊاڪٽر گربخشاڻي بقلم خليل‘، ’سنڌي ٻوليءَ جو هڪ بيباڪ ڪهاڻيڪار ـ محمد عثمان ڏيپلائي‘، ’ٻُرڙو صاحب ـ محمد اسماعيل عرساڻي‘، ’هڪ پروقار شخصيت سان ملهايل شام ۽ يادگار لمحن جا شوخ رنگ ـ سيد احسن الهاشمي‘، ’مزاح نگاريءَ جو فن ـ علي احمد بروهي‘، ’سنڌي ڏاهپ ۽ پوڳ جو نئون جنم ـ حيدر علي خان لغاري‘، ’هڪ منفرد لهجي وارو شاعر ـ استاد بخاري‘، ’وڏين شخصيتن جي عڪاسيءَ جي هڪ ڪوشش ـ غلام رباني آگرو‘، ’ڪهاڻين ۾ وجوديت جي سار ـ علي بابا‘، ’پٿر جو جادو ـ ڊاڪٽر عبدالجبار عابد‘، ’هڪ ڪهاڻيڪار جو فن ۽ ڳڻ ـ رفيق سومرو‘ ۽ ’فڪري احساس ۽ اسلوب ـ ناز سنائي‘ آندل آهن. انهن ۾، ٽي شخصيتون ـــ مرزا قليچ بيگ، محمد اسماعيل عرساڻي ۽ رفيق سومرو ـــ اهڙيون آهن جن بابت ٻنهي ڪتابن ۾ اپياسي ۽ تاثراتي خاڪا شامل آهن، جڏهن ته ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ بابت ٻيو ليک ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل جي ڪتاب ’ادب ۽ تنقيد‘ (ڇاپو ٻيو، آگسٽ ١٩٧٥ع) ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ تي ڪيل تنقيد جي حوالي سان آهي.

ڊاڪٽر عرساڻيءَ جا مٿيان سمورا ليک بنيادي طور خاڪا آهن، پر انهن ۾ تنقيدي عنصر به سمايل آهي ته تجزياتي رنگيني پڻ نظر اچي ٿي. انهن ليکن ۾ تاثر به پڙهي سگهجن ٿا ته مضمون نويسيءَ جون لهرون پڻ ڪثرت سان پيدا ٿيندي پسجن ٿيون. انهن شخصيتن جا، جيئن موضوع منفرد آهن، ايئن عرساڻي صاحب جي لکت جا انداز پڻ انوکا آهن. ڪجهه خاڪن ۾ عرساڻي صاحب موضوع منجهان موضوع آڌار ڏورانهن ڏَسن تي به وڃي رَسي ٿو، پر ڪجهه دير بعد ساڳئي راهه تي اچي پهچي ٿو، جنهن مان ان شخصيت جو هڪ نئون رخ پڌرو ٿئي ٿو. ان ڪان سواءِ ڊاڪٽر عرساڻيءَ جي مشاهدي، مطالعي ۽ تجزئي جي گهڻ موضوعيت پڻ هنن خاڪن ۾ هنڌين ماڳين پکيڙيل آهي، جيڪا تحرير کي ڏاڍو وڻندڙ ۽ مطالعاتي پڻ بڻائي ٿي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

’فن، شخصيت ۽ انداز‘ ۾ آندل، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ بابت ليک جي ابتدا ۾ ئي، سندس مزاج جي باري ۾، ڊاڪٽر عرساڻي لکي ٿو: ”جنهن به ماڻهوءَ گربخشاڻيءَ کي ڏٺو، تنهن کي منجهس نهٺائي ۽ انکساري، دلنوازي ۽ خوش خلقي ۽ ويدانتي سلوڪ ۽ راهه نظر آئي هئي. وٽس مذهبي ڪٽرپڻو، طبيعت ۾ خشڪي يا تنگ نظري هرگز ڪا نه هئي.“(۲۸) ساڳئي ليک ۾، اڳتي، شاهه جي رسالي جي تاليف جي حوالي سان، عرساڻي صاحب لکي ٿو: ”سندس شخصيت ۽ ذوق نظر باعث ئي رسالي جي تاليف جو ڪارنامو وجود ۾ اچي سگهيو. شاهه لطيف جي ڪلام جي تحقيق، ترتيب ۽ تنقيد هڪ نهايت ئي دقت طلب مسئلو هو. مگر ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي انداز و فڪر ۽ پرک ۽ پروڙ جو ئي اهو ڪمال چئبو، جنهن ڪري هُو رسالي کي هڪ مستقل حيثيت وٺائڻ ۾ ڪامياب ويو، بلڪ شعر جي ادبي قدرن تي هڪ جداگانه مقدمه لکيائين خصوصاً اهڙي وقت ۾ جڏهن سنڌيءَ ۾ تنقيدي نثر جو رواج اڃا عام ڪو نه ٿيو هو.“(۲۹) سنڌي علم ۽ ادب جي اهڙي سدا ملوڪ شخصيت کي جڏهن متنازع بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ته ڊاڪٽر عرساڻي ماٺ ڪري ويهڻ کي ڪفر سمجهي جوابي-تنقيدي مقالو لکيو، جيڪو سندس ڪتاب ’شخص ۽ عڪس‘ ۾ ’ڊاڪٽر گربخشاڻي بقلم خليل‘ عنوان سان شامل آهي. هن مفصل مقالي ۾، ڊاڪٽر عرساڻيءَ نه رڳو ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي بچاءَ ۾ علمي طور لکيو آهي، پر سندس شاهه جي رسالي ۾ ڪيل ڪم جي خوبين کي پڻ نروار ڪيو آهي، گڏوگڏ هُنَ علمي انداز سان، ڊاڪٽر خليل جي غير علمي انداز ۾ ڪيل تنقيد جِي چنڊڇاڻ به ڪئي آهي. هن اهم تنقيدي مقالي ۾، ڊاڪٽر عرساڻيءَ ڪي ننڍا عنوان مقرر ڪري تنقيدي بحث کي سولو ڪري پيش ڪيو آهي. اهڙن ننڍن عنوانن ۾ ’خليل جو تنقيدي اسلوب‘، ’ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي تاليف جا اهم ۽ نمايان پهلو‘، ’ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ معاونين‘، ’طرفين جا خط‘، ’ٻن محققن جو تقابل ۽ ادبي فرق‘، ’ڊاڪٽر دائودپوٽي جو ادبي مسلڪ (طريقہ ڪار)‘، ’*مقدمہ لطيفي* متعلق هرزه سرائي‘، ’شاهه لطيف جي تعليم ۽ تحصيل‘، ’جوڳي سنياسي‘، ’مذهب‘، ’شاهه لطيف ۽ تصوفانه رمزون‘، ’لطيفي ڪلام ۽ مطالعي جو طريقو‘، ’ادب ۽ تنقيد متعلق ٻه لفظ‘ ۽ ’ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ نقاد‘ شامل آهن، جن ۾ عرساڻي صاحب تفصيل سان خليل صاحب جي اعتراضن ۽ ’تنقيدن‘ جو مدلل جواب ڏنو آهي. اهو سڄو بحث، سچ به، پڙهڻ ۽ هيٺئين سان هنڊائڻ برابر آهي. هتي، مختصر طور، ان مقالي جا





هڪ ٻه اهم ترين رخ پيش ڪجن ٿا. ڊاڪٽر عرساڻي لکي ٿو:

”ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي تاليف جا ڪيترائي اهم ۽ نمايان پهلو آهن، جيڪي کيس همعصر ۽ ڪانئس پوءِ جي مؤلفن ۾ ممتاز ڪن ٿا. سندس تحقيق جو اولين ڪارنامو شاهه جي ڪلام کي ڌارينءَ شاعريءَ کان الڳ ڪري صحيح ۽ مستند صورت ۾ بيهارڻ آهي... ٻيو نمايان پهلو، سندن مغربي اندازِ تحقيق آهي. پاڻ روايتن تان تقدس جا غلاف لاهي، شاعر جي زندگي ۽ سندس ڪلام کي اصل رنگ ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن. ههڙي تحقيقي تصنيف جو اهو سنڌيءَ ۾ پهريون ئي مثال هو... ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي هن تاليف جو ٽيون اهم پهلو ان جي لساني ۽ لغوي توصيف آهي، جنهن ڪري اڃا به ان جي قدر و منزلت بلند ٿي وڃي ٿي... هن نه رڳو شاهه جي بيتن کي اصل اچارن ۾ قائم رکڻ تي محنت ڪئي، بلڪ شاعر جي زماني جي ٻولي، ان جي نحوي ترڪيبن ۽ ترڪيبن تي روشني وجهي، شعر جي لساني مسئلي کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.“(۳۰)

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي تاليف ڪيل شاهه جي رسالي جي حوالي سان ٻيو واڌُو ذڪر، ڪجھ حلقن ۾، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جي علمي خدمتن بابت ان ريت ڪيو ويندو آهي ته ڊاڪٽر دائودپوٽي جي ڪري ئي ڊاڪٽر گربخشاڻي شاهه جو رسالو تاليف ڪري سگهيو! ان بابت ڊاڪٽر عرساڻي لکي ٿو:

”ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ هر جلد جي پيش لفظ ۾ پنهنجي معاونين جو نهايت فراخدلانه انداز ۾ اعتراف ڪيو آهي. پهرين ٻن جلدن ۾ پاڻ ڊاڪٽر دائودپوٽي لاءِ اعتراف ڪيو اٿس، ته نسخن پيٽڻ ۽ شرح لکڻ ۾ هن مدد رسائي آهي... ان جو اعتراف هن هيٺين لفظن ۾ ڪيو آهي:

”آئون پنهنجي اڳوڻي پياري شاگرد ۽ هاڻ همڪار پروفيسر مسٽر عمرالدين دائودپوٽي، ايم اي جو ته دل شڪرگذار آهيان، جنهن هن جلد جي نسخي تيار ڪرڻ، شرح لکڻ ۽ ڇاپي جي درستگين ڪرڻ وغيره ۾ مون سان دل و جان سان شراڪت ڪئي آهي ۽ هيءُ صاحب جيڪڏهن اهڙو اتساهه نه ڏيکاري ها، ته شايد هي ڪم هن منزل تي اهڙو جلد نه رسي ها. (شاهه جو رسالو جلد اول)

”مسٽر عمرالدين دائودپوٽي ايم اي، هن جلد تيار ڪرڻ ۾ ساڳي اڳي جهڙي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مدد ڪئي آهي، جنهن لاءِ آئون سندس شڪرگذار آهيان. (شاهه جو رسالو جلد ٢)“[۳۱]

ٻئي طرف، ڊاڪٽر خليل جي ڪيل تنقيد بابت به گهڻو ئي تجزيو هن مقالي جو حصو آهي. هتي، ڊاڪٽر عرساڻيءَ جو، خليل صاحب جي تحرير جي انداز تي ڪيل هڪ تنقيدي رايو پيش ڪجي ٿو: ”خليل صاحب جو نهايت پيچيده ۽ زوليده اسلوب بيان آهي، جنهن جي جملن ۾ نه آهي ربط ۽ نه ضبط: ٻيو ته انهن ۾ ’ڏيلي ۾ ڏيلي‘ وانگر ڳالهه ۾ ڳالهه کي ايئن منجهايو ويو آهي، جو پڙهندڙ حيران ٿيو وڃي ته آخرڪار خليل صاحب چوڻ ڇا ٿو چاهي؟ ايا پڙهندڙ هڪڙي منجهيل عبارت مان مس مس آجو ٿئي ٿو، ته وري پيش ايندڙ عبارت ان کان وڌيڪ بي معنيٰ ۽ منجهائيندڙ! مطلب ته سندس بيان کي نه آهي ابتدا ۽ نه آهي اختتام!“[۳۲]

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جي انهن ٻنهيءَ ڪتابن جو مطالعو بيحد دلچسپ، پرڪشش ۽ اثرائتو آهي. هڪ شخصيت بابت ليک جي پڇاڙيءَ بعد ازخود من چاهي ٿو ته ٻيءَ شخصيت بابت لکيل خاڪي جو به اڀياس ڪجي. هن جي تحرير ۾ هڪ ڇڪ آهي، جنهن ۾ توريل تڪيل تجزياتي راءِ موجود آهي، جنهن جي پڙهڻ سان اها شخصيت اکين اڳيان چِٽي ٿي، اڀري اچي ٿي. مثال طور سائين جي.ايم سيد بابت خاڪي ۾، ڊاڪٽر عرساڻي لکي ٿو: ”هُو سنڌي راڄنيتي محاذ، سنڌي ادبي دنيا، قومي فڪر ۽ تاريخ، سنڌي ثقافت ۽ دانش جو آشڪاريندڙ سرموڙ هو.“[۳۳]

مولانا غلام محمد گراميءَ بابت، جڏهن ته، عرساڻي صاحب جي لکيل خاڪي ۾، هن جي علمي تحريرن کي بحث هيٺ آڻڻ بدران، گرامي صاحب جي علمي ڳالهه ٻول ۽ تقريري انداز کي وڌيڪ بيان ڪيو ويو آهي ۽ سنڌي ادب جي ”تقرير بيانيءَ جي تاريخ“ لکڻ جو تصور ڏيندي، گرامي صاحب بابت ڊاڪٽر عرساڻي چوي ٿو:

”مون زندگيءَ ۾ اهڙو ڪو به عالم نه ٻڌو، جنهن جي ٻولي ايتري لذيذ هجي. سندن تلفظ ۽ اچار نهايت چِٽو ۽ فصيح هوندو هو. هن جي گفتار جي شيريني ۽ نڪته سنجي سامعين تي سحر طاري ڪري ڇڏيندي هئي... سندس تقرير موضوع سان نهايت ٺهڪيل هوندي هئي... هو ’تقرير جو ڌڻي‘ ۽ ’شهزور مقرر‘ هو ۽ جڏهن به ميدان فصاحت جو ذڪر ڇڙندو، يا سنڌيءَ ۾ تقرير بيانيءَ جي ڪا تاريخ مرتب ٿيندي، ته گذشته اڌ صديءَ ۾، مولانا گراميءَ جو نالو سرفهرست هوندو.“[۳۴]





محترم رفيق سومري بابت، جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي، ته ٻنهي ڪتابن ۾ مضمون شامل آهن، پر انهن مضمونن جو اڀياس ٻڌائي ٿو ته ڪيترائي پئراگراف اڳتي پوئتي ڪري ٻنهي مضمونن ۾ آندل آهن، جا ڳالهه انهن مضمونن کي ضربيندڙ آهي. مثال طور، ’فن، شخصيت ۽ انداز‘ ڪتاب جي صفحي-١٩٢ تي ۽ ’شخص ۽ عڪس‘ ڪتاب جي صفحي-١٨٠ تي، ساڳين ئي لفظن ۾، لکيو ويو آهي: ”رفيق سومرو ڪهاڻيڪار آهي ۽ ڪهاڻيڪاريءَ جو طبعي لاڙو منجهس سمايل آهي. ١٩٧٢ع کان لاڳيتو ته ڪڏهن وري وچ وچ ۾ ساهيءَ سان لکبو ۽ ڇپبو رهيو آهي.“

هيءُ هڪ مثال هو، اهڙا مثال سڄي مضمون ۾ آهن، جنهن سان ڪو سٺو تاثر پيدا نه ٿو ٿئي. بهتر هو ته رفيق سومري بابت هڪ نئون مضمون لکي، پوئين ڪتاب ۾ پيش ڪيو وڃي ها، ته جيئن سندس شخصيت، فن ۽ فڪر جا ڪي وڌيڪ گڻ پڌرا ٿين ها. جيئن محترم محمد اسماعيل عرساڻي ۽ مرزا قليچ بيگ بابت لکيل ٻنهي مضمونن ۾ سمايل آهي، جنهنڪري اهي مضمون ساڳين شخصيتن بابت هجڻ باوجود الڳ الڳ آهن. هنن ٻنهي ڪتابن جي ڪيترن ئي خاڪن ۾ مضمون نويسيءَ ۽ جيونَ ڪٿائيءَ جي سمايل اُٽت موهيندڙ محسوس ٿئي ٿي. ان کان سواءِ انهن خاڪن ۾، ڊاڪٽر عرساڻيءَ جي حياتيءَ ۽ ان جي علمي، ادبي، تحقيقي ۽ تدريسي سرگرمين جا ڪيئي تفصيل به شامل آهن جيڪي ليکڪ جي زندگيءَ جي مطالعي ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا.

ڊاڪٽر عرساڻيءَ جي تخليقي ۽ اڀياسي مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل ڪتاب ’ثقافت ۽ انساني معاشري جي اوسر‘ ۾ شامل ڪيل ١٣-ليک ۽ هڪ انٽرويو سندس سنڌي ادب، ٻوليءَ ۽ تعليم سان دلي لڳاءَ جو اظهار آهن جن ۾ سندس علمي ۽ لساني قابليت جو مطالعو ڪري سگهجي ٿو. انهن مضمونن جا عنوان هن ريت آهن: ١. سراهپ (ثقافت) ۽ انساني معاشري جي اوسر، ٢. سنڌي ٻوليءَ جو سڌارو ۽ بگاڙو، ٣. سنڌي زبان ۾ فني اصطلاح سازي ۽ ڊاڪٽر محبت ٻرڙو جون لساني مهارتون، ٤. سنڌي ٻوليءَ جو بابا آدم مرزا قليچ بيگ ۽ مادري ٻوليءَ جو ترقي پسندانه تعليمي نظريو، ٥. سنڌي ٻوليءَ جو هاڻوڪو مقام ۽ معيار قوم کان ڇا ٿو لهڻي؟، ٦. امتحاني بورڊ ۽ تعليمي معيار، ٧. سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جو باهمي عمل، ٨. سنڌي ٻوليءَ بابت ڪريون ڳالهيون (انٽرويو)، ٩. ٻولي جي تشڪيل ۽ تعمير ۾ ادب جو ڪردار، ١٠. هڪ وسيع ۽ ڦهلجندڙ سنڌي زبان ۾ پيش ايندڙ رنڊڪون ۽ نئين دور جون تقاضائون،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

١١. نصاب جوڙيندڙ ادارا ۽ تعليم جو ڊڪوسلو. ١٢. سنڌي ڪيئن پاڙهجي، ١٣. ايڪيهين صديءَ لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي ڪيئن قابلڪار بنائجي؟ ۽ ١٤. سنڌيءَ جون لساني تبديليون ۽ عصري عالمن جا رويا.

پڌرو آهي ته، انهن مضمونن ۾ سنڌي ٻولي، سماج ۽ نئين نسل جي تقاضائن ۽ اسان جي ذميوارين جهڙن اهم معاملن تي ويچاريو ۽ حڪمت عملين کان آگاهه ڪيو ويو آهي. مثلاً، هڪ مضمون ’سُراهپ (ثقافت) ۽ انساني معاشري جي اوسر‘ ۾، نئين نسل مان اميدون رکڻ ۽ بهتر سنڌي سماج اڏڻ جي حوالي سان، ڊاڪٽر عرساڻي لکي ٿو: ”موجوده دؤر جو نوجوان نسل ۽ ايندڙ زماني جو سنڌي نسل اسان منجهان ڪجهه ذميواريون پورين ٿيڻ جي توقعات رکڻ ۾ حق بجانب آهي. اگر اسان پنهنجون ذميواريون احسن طريقي سان پوريون ڪيون ته پوءِ اسان يقيني طور هڪ بهتر سنڌي سماج جي تعمير ۽ تخليق جو سبب بنباسون.“(٣٥)

هُو سنڌي زبان جي ڪارج کي بيان ڪندي لکي ٿو: ”حقيقت اها آهي ته جهڙيءَ طرح انگريزي ڳالهائيندڙ قومن جي ذهني ترقيءَ لاءِ انگريزي ٻولي ضروري آهي، تهڙيءَ ريت سنڌي قوم جي ذهانت جي ترقيءَ ۽ ثقافتي اوسر لاءِ سنڌي زبان جو واهڙ به ضروري آهي.“(٣٦)

هِي ۽ اهڙا ٻيا ويچارَ ڊاڪٽر عرساڻيءَ جي حساس دل ۽ سوچ جي عڪاسي ڪندڙ آهن. هو پاڻ کي ۽ پنهنجن هم عصرن کي نئين نسل ڏانهن ذميوار سمجهي ٿو.

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جي مضمونن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ايندڙ توڙي ٿيندڙ بگاڙن تي به ڪافي ڪجهه لکيو ويو آهي. مثال طور، پنهنجي مضمون ”سنڌي ٻوليءَ جو سڌارو ۽ بگاڙو“ ۾، ڊاڪٽر عرساڻي لکي ٿو: ”در حقيقت غلطين تي نظرداري رکڻ، انهن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ درست صورت ڏسڻ، اسان مان هر ڪنهن پڙهيل ڳڙهيل ۽ ڄاڻوءَ جو فرض هئڻ گهرجي، جنهن سان ٻوليءَ ۾ بگاڙي جو ڪنهن حد تائين سدباب ٿي سگهي ٿو. دراصل فردن جي غلطين کي ڪٽي ڪنهن حد تائين نظر انداز ڪري ڇڏجي ليڪن ادارن طرفان آڏو ايندڙ غلط مثالن تي جيڪڏهن چشم پوشي ڪبي ته اهو اسان جي پياري ٻوليءَ جي حق ۾ نهايت هاڃيڪار ثابت ٿيندو.“(٣٧)

هنن مضمونن ۾، سنڌيءَ ۾ تدريس سان لاڳاپيل مسئلن کي پڻ علمي طور





کنيو ويو آهي ۽ مسئلن جي حل جون واٽون به ڏسيون ويون آهن. هتي صرف ٻن مثالن کي پيش ڪجي ٿو، جن مان هڪ سائنسي تعليم بابت آهي، جيڪو سندس مضمون ’سنڌي ٻوليءَ جو هاڻوڪو مقام ۽ معيار قوم کان ڇا ٿو لهڻي؟‘ ۾ ڄاڻايل آهي: ”اگر سنڌ ۾ سائنسي انقلاب آڻڻ ۽ هڪ سائنسي معاشرو پيدا ڪرڻ گهرون ٿا ته ان لاءِ تمام ضروري آهي ته سائنسي تعليم اعليٰ کان اعليٰ درجي تائين پنهنجي ديس جي ٻولي يعني ته سنڌي زبان ۾ عام ڪئي وڃي.“(٣٨)

جڏهن ته ٻيو مثال، سنڌي ٻوليءَ جي افادي لحاظ کان واهپي جو، پڻ ساڳئي مضمون مان ورتل آهي: ”سنڌي ٻوليءَ جو قومي ٻوليءَ وارو حق بحال ٿيڻ سان ان کي وڏي سگهه ملندي، جنهن جي اها هر لحاظ کان حقدار آهي. تاهم سنڌي ٻوليءَ جو علمي ۽ افادي functional بنجڻ جو دارومدار وري به ان ڳالهه تي منحصر آهي ته ان کي مڪمل طور تي سنڌ ديس اندر سرڪاري زبان طور استعمال ۾ آندو وڃي.“(٣٩)

ڊاڪٽر عرساڻيءَ جي تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتابن ۾ ’سنڌي ادب ۾ تنقيد‘ (١٩٦٥ع)، ’آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر‘ (١٩٨٢ع) ۽ ’سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ‘ (٢٠٠٩ع) جهڙا منفرد ۽ اهم ڪتاب شامل آهن.

’سنڌي ادب ۾ تنقيد‘ جو پهريون ڇاپو ١٩٦٥ع ۾ ڇپيو. ان وقت تائين، تنقيد جي موضوع تي سنڌي ادب ۾ مواد نه هجڻ برابر هو. ان ڪري ئي ان ڪتاب جي ’مقدمي‘ ۾، سنڌ جي نامور عالم ۽ تنهن وقت ماهي ’مهراڻ‘ جي ايڊيٽر مولانا غلام محمد گراميءَ، تنقيد بابت هن ڪتاب کي هڪُ علمي ۽ فني شاهڪار چيو.(٤٠) گرامي صاحب جو اهو مقدمو، تنقيد ۽ تنقيد نگار يعني نقاد بابت گهٽين ئي علمي ڳالهين کي بحث هيٺ آڻي ۽ سمجهائي ٿو، جن جي مطالعي سان تنقيد جي مفهوم ۽ ڪارج سان گڏ، نقاد جي ڪم ۽ طريقيڪار بابت چڱيون ڳالهيون صاف ٿي وڃن ٿيون. مثال طور: ”نقاد جي منصب لاءِ اهو به ٻڌائڻ ضروري آهي ته سندس تنقيد ۾ تقريظي، تخليقي ۽ تحقيقي، ٽي پهلو لازمي طور هئڻ گهرجن... نقاد جو علم ۽ مطالع، ان عالم کان مٿانهون هجي، جنهن جي فن تي هو تنقيد ڪري رهيو آهي... ممڪن ٿي سگهي ته معائب سان گڏ محاسن به بيان ڪري، نه ته به ’معائب‘ کي به اصلاح پسند ۽ مخلصانه نموني ۾ اڳيان آڻي. سندس تحرير، آئيني وانگر خاموش نموني ۾ اڳيان اچڻ گهرجي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

باقي حاشيہ آرائيءَ ۽ تبصره نگاريءَ مان ڪو بہ افادي پهلو نہ ٿو حاصل ٿئي.“[۴۱] ان بعد گرامي صاحب، ڊاڪٽر عرساڻيءَ جي هِن تنقيد جي حوالي سان ڪيل ڪم ڪي واکاڻيندي، لکي ٿو: ”’سنڌي ادب ۾ تنقيد‘ کي مطالع ڪرڻ کان پوءِ مون کي مسرت حاصل ٿي آهي. ڇا لاءِ تہ لائق مولف، سنڌي ادب جي چڱن چڱن ڪتابن کي منتخب ڪري، انهن جي معائب ۽ محاسن تي بحث ڪري چڪو آهي. سندس پيش ڪش جو انداز بہ دلڪش آهي. سندس اندازِ بيان بہ واقعيت ۽ حقيقت سان مملو آهي. عبارت بہ سليس ۽ دلنشين آهي... مجموعي حيثيت سان، هي ڪتاب، سنڌي ادب ۾ هڪ مفيد ’تنقيدي اضافو‘ چئي سگهجي ٿو. هن کان اڳ هن قسم جا ڪتاب سنڌي ادب ۾ ڪين آهن.“[۴۲]

’سنڌي ادب ۾ تنقيد‘ ۾ ٨-باب شامل آهن: (١) تنقيد جي تعريف ۽ ان جو صحيح مفهوم، (٢) ادب ۾ تنقيد جي اهميت، (٣) تنقيد جي اوليت، (۴) نظرياتي تنقيد ۽ عملي تنقيد، (۵) يورپ ۾ تنقيدي نظرين جي ارتقا، (٦) سنڌي تنقيد جا ارتقائي دؤر، (٧) نوان رجحان، نظريا ۽ مڪتبِ فڪر، ۽ (٨) سنڌي ساهت جا نامور نقاد. انهن اٺن بابن مان، پهرين ٽن بابن کي سلسليوار هِڪڙي باب طور بہ پڙهي ۽ ڏِسي سگهجي ٿو. انهن بابن ۾ تنقيد جي روايتي، حقيقي ۽ اصطلاحي وصفن، سمجهاڻين، تنقيدي ادب، تنقيد جي مقصد، ڪم ۽ ڪارج، تنقيد کي تخليقي فن سمجهڻ، تنقيدي عمل جي ابتدا ٿيڻ بابت نهايت ڪارائتا ۽ بنيادي ويچار ونڊيا ويا آهن، جهڙوڪ: ”اصطلاحي طور، ڪنهن بہ ادب پاره تي راءِ قائم ڪرڻ يا خوبين ۽ خامين جي اندازي لڳائڻ کي ’تنقيد‘ چئجي ٿو... ادب، ادب جي شعبن ۽ تنقيد متعلق، جيڪي ڪجھ لکيو وڃي ٿو، سو تنقيدي ادب آهي... سيني عالمن، تنقيد کي ’ادب جي پرکڻ جو فن‘ ڪري ڄاڻايو آهي ۽ ان جو مقصد ’ادب جي تعمير ۽ اديب جي اصلاح‘ ٻڌايو آهي... ماهرن جو رايو آهي تہ تنقيد کان سواءِ، صحيح قسم جو ادب پيدا ٿي نہ ٿو سگهي... تخليقي ادب جي لاءِ تنقيد آبِ حيات جي مثال آهي... جنهن وقت ادب جي تخليق جو آغاز ٿئي ٿو، تنهن وقت تنقيد بہ وجود ۾ اچي وڃي ٿي. هر فنڪار جي ’تخليقي ڪارنامي‘ ۾ تنقيدي شعور پيش پيش آهي.“[۴۳]

’نظرياتي ۽ عملي تنقيد‘ کي بحث هيٺ آڻيندڙ چوٿين باب ۾، عملي تنقيد جي نمونن ۾ جمالياتي تنقيد ۽ سماجي تنقيد تي بہ گفتگو ڪئي وئي آهي. هن باب





جي پڇاڙي هن نتيجي تي ٿئي ٿي: ”نقاد کي گهرجي تہ هو ادب پاره جي سماجي قدرن جو پتو بہ لڳائي ۽ جمالياتي پهلوئن کي بہ اجاگر ڪري. اهڙيءَ تنقيد کي ئي حقيقت ۾ مڪمل علمي ۽ سائنٽيفڪ تنقيد چئي سگهجي ٿو.“[۴۴]

پنجون بابُ، يورپ ۾ تنقيدي نظرين جي ارتقا بابت آهي، جنهن ۾ ’افلاطون، ارسطو، ڊيونيسئس ٿراڪس، لانگينس، سسرو، هوريس ۽ ڊانٽي‘ جي نظرين جو مطالعو ڪندي، تنقيدي نظرين جي اوسر کي ’قديم يونان، سڪندر جي زماني، وچولي دؤر، نئين سجاڳي، نئين ڪلاسيڪي مڪتبِ فڪر، ارڙهين صديءَ کان پوءِ، ويهين صديءَ جي آغاز ۽ نئين تنقيد‘ ۾ ورهائي، جامع نموني مطالعي هيٺ آندو ويو آهي، جنهن جي مطالعي سان، سڄي تاريخي ارتقائي تصوير اڳيان اچي وڃي ٿي، ۽ وڌيڪ اڀياس ڪرڻ ۽ ڄاڻڻ جو چاهہ وڌي ٿو. عرساڻي صاحبُ، ان سموري جائزي ۽ ڇنڊڇاڻ جو نتيجو هنن لفظن ۾ پيش ڪري ٿو: ”علم تنقيد، پنهنجي سموري تاريخ ۾، ڪڏهن بہ قديم زماني جي مقرر ڪيل اصولن ۾ ڪو مستقل منطقي ارتقا نہ ڪيو آهي ۽ ان ۾ ڪو بہ موضوع، طريقي يا مقصد جو اتحاد نظر نہ ٿو اچي. ان جو تسلسل فقط ماڻهن جي انهن ڪوششن تي مدار رکي ٿو، جن جي ذريعي هو ادب جي ڦرندڙ وجود بابت پنهنجن فڪرن ۽ مقصدن جا قاعدا وضع ڪندا رهن ٿا.“[۴۵]

تنقيد جو هيءُ اڳاٽو ڪارج، تہ اها ادب جي ڦرندڙ فڪرن ۽ مقصدن جا قاعدا وضع ڪري، نهايت اهم آهي، جيتوڻيڪ، موجوده وقت ۾، چارلس اِي. بريسلر جي لفظن ۾، ”ادبي تنقيد هڪ اهڙو نظم ۽ ضبط وارو (ادبي) ڪم آهي جنهن وسيلي ڪنهن ادبي شهپاري جي تشريح، تجزيو، تعريف، تفهيم، تشهير، تعين، تميز، توصيف، تفسير ۽ توضيع ڪئي وڃي ٿي.“[۴٦]

ستئين باب ۾، قبل مسيح (ق.م) سنن جي داخلائن ۾، غير ارادي طور غلطيون ٿي ويون آهن، جهڙوڪ افلاطون ۽ ٻين مفڪرن جي ڄمڻ ۽ مرڻ جا سن هن ريت لکيا ويا آهن: افلاطون (۳۴٨-۴٢٨ ق.م)، ارسطو (۳٢٢-۳٨۴ ق.م) ۽ ٻيا. انهن داخلائن ۾ هميشہ پهريون سن ڄمڻ ۽ پويون مرڻ جو هوندو آهي، يعني افلاطون ۳۴٨ ق.م ۾ پيدا ٿيو ۽ ۴٢٨ ق.م ۾ فوت ٿيو ۽ ارسطو ۳٢٢ ق.م ۾ ڄائو ۽ ۳٨۴ ق.م ۾ گذاري ويو. جڏهن تہ ايئن ناهي. افلاطون ۴٢٨ ق.م ۾ ڄائو ۽ ۳۴٨ ق.م فوت ٿيو هو، جڏهن تہ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ارسطو ۳۸۴ ق.م ۾ پيدا ٿيو هو ۽ ۳۲۲ ق.م ۾ فوت ٿيو هو. ان ڪري ترتيبوار سندن سن هن ريت لکڻ گھربا هيا: افلاطون (۴۲۸-۳۴۸ ق.م)، ارسطو (۳۸۴-۳۲۲ ق.م)، وغيره. اميد ڪجي ٿي ته انهن کي ايندڙ ڇاپي ۾ درست ڪيو ويندو.

باب ڇهون 'سنڌي تنقيد جا ارتقائي دؤر' آهي، جنهن ۾ هيٺينءَ ريت سنڌي ٻوليءَ ۾ تنقيد جا ٽي دؤر مقرر ڪيا ويا آهن:

پهريون دؤر ۱۸۵۰ع کان ۱۹۰۰ع تائين،

ٻيو دؤر ۱۹۰۰ع کان ۱۹۴۷ع تائين، ۽

ٽيون دؤر ۱۹۴۷ع کان هلندڙ زماني [يعني ۱۹۶۵ع] تائين.

انهن ٽنهي دؤرن کي تفصيل سان بحث هيٺ آندو ويو آهي ۽ تنقيد جي حوالي سان لکندڙن ۽ سندن لکڻين جو اڀياس پيش ڪيو ويو آهي. هيءُ تجزيو سنڌي ادب ۾ تنقيد جي تاريخ سنئيءَ طرح بيان ڪندڙ آهي، جنهن لاءِ عرساڻي صاحب جس لهڻي.

ستين باب 'نوان رجحان، نظريا ۽ مڪتب فڪر' ۾، عنوان موجب، سنڌي ادب ۾، ڪلاسيڪي دؤر کان موجوده دؤر تائين، مختلف نثري ۽ شعري لکڻين ذريعي ظاهر ٿيل نظرين ۽ لاڙن — مذهبي، تصوفي، عروضي، خيال پرستيءَ، افاديت پسنديءَ، اصلاح پسنديءَ، وطنيت، قوميت، سنڌيت، سوشلسٽ، ترقي پسند، رجعت پسند، حقيقت نگاريءَ، انسانيت پرستيءَ، ادب براءِ ادب ۽ ادب براءِ زندگي — تي اختصار سان گفتگو ڪئي وئي آهي، جا نهايت ڌيان لائق آهي. مختلف رجحانن جي پيدا ٿيڻ جي ڪارڻن تي ڳالهائيندي، ڊاڪٽر عرساڻي لکيو آهي: "سنڌي ادب ۾ نوان رجحان سماجي، معاشي ۽ اقتصادي حالتن جي تبديليءَ سبب پيدا ٿيا. جڏهن ملڪ جو عوام، جديد علمن کان واقف ٿيو ۽ ترقيءَ جي نين راهن کان روشناس ٿيو، تڏهن قوم جي زندگيءَ ۾ هڪ قسم جو تحرڪ پيدا ٿيو."(۴۷)

"انگريزن جي دؤر ۾ عينيت پسنديءَ [خيال پرستيءَ] جو رجحان تمام گھڻو زور هو، جنهن جي زير اثر، ادب جي سماجي ۽ افادي پهلوءَ کي بلڪل نظر انداز ڪيو ويو هو، ليڪن سوشلسٽ تحريڪ جي زير اثر، نوجوان اديبن ۾، زندگيءَ جو صحيح شعور پيدا ٿيو، جنهن ادب ۽ تنقيد متعلق اڳئين نظريه کي بلڪل بدلائي ڇڏيو."(۴۸)





ڪتاب 'سنڌي ادب ۾ تنقيد' جي آخري اٺين باب، 'سنڌي ساهت جا نامور نقاد' ۾، مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي، شيخ محمد ابراهيم 'خليل' ۽ مولانا غلام محمد گراميءَ جي نظرين ۽ تنقيدن جو تجزيو ڪيو ويو آهي. هيءُ پڻ هڪ اهم باب آهي جيڪو عملي تنقيد جو مظهر پڻ آهي. مثال طور، گرامي صاحب جي نظرين بابت، سندس تحريرن جي روشنيءَ ۾، عرساڻي صاحب لکي ٿو: "هن پنهنجي متعدد مقالن ۾، ادب جي فني ڇنڊڇاڻ ۽ ان جي زندگيءَ جي صحتمند قدرن سان وابستگيءَ تي بحث ڪيو آهي... گراميءَ جي نقطهءِ نظر ۾، ادب جو مقصد اجتماعي آهي... هو موجوده دؤر جي سماجي زندگي ۾ هڪ اهڙو ادب ڏسڻ چاهي ٿو، جنهن ۾ طبقاتي ڪشمڪش جي مسائل کي بي نقاب ڪيو ويو هجي... هو ادب جي تاريخي ۽ عمراني اهميت جو قائل آهي... هو ادب براءِ ادب جو نظريو رکندڙن کي غلط سمجهي ٿو... گرامي صاحب، ادب توڙي زندگيءَ کي محض مادِي ۽ تهذيبي مظاهر جو آئينو نه ٿو سمجهي بلڪ هو ان جي روحاني ۽ مذهبي قدرن جو پڻ قائل آهي... هن جا نظريا سائنٽيفڪ آهن. هن، ترقي پسند نقطهءِ نظر جي وڏي حد تائين ترجماني ڪئي آهي. هن جي عملي تنقيد جو انداز مڪمل طور تجزياتي ۽ علمي آهي."(۴۹)

هن ڪتاب جي هڪ وڌيڪ خاصيت، ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾، ۲۶۶ عدد پيش ڪيل، 'ادب، تنقيد، فلسفي ۽ جماليات جا علمي اصطلاح' ۽ انگريزي لفظن جا سنڌي متبادل پڻ آهن، جيڪي نشاندهي ٿا ڪن ته عرساڻي صاحب جو منڍ کان ئي اصطلاحن ۽ ٻوليءَ سان خاص لڳاءُ رهيو آهي. جڏهن ته، هي ڪتابُ عرساڻي صاحب جي ذهني رويي جي نشاندهي به ڪري ٿو، ته هن جو ابتدا کان ئي تنقيد ۽ تحقيق ڏانهن لاڙو رهيو آهي. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو، ۴۵-سالن جي وڏي وٿيءَ کان پوءِ، ۲۰۱۰ع ۾ ڇپيو، جيڪو ۲۲۳-صفحن تي مشتمل آهي. ٻئي ڇاپي لاءِ ڊاڪٽر عرساڻيءَ پاران لکيل 'تمهيد' ۾ ڄاڻايل آهي ته هن نئين ڇاپي لاءِ، نئين تحقيق جي نوع ۾ ڪجھ وڌيڪ باب به لکيا هئا ۽ اڳئين مواد ۾ اضافا به ڪيا هئا پر اهو مواد ۱۹۸۹ع ۾ لساني جهيڙن سبب ضايع ٿي ويو.(۵۰) اسان کي پنهنجي اندر ۾، اِن ۽ ٻئي اهڙي ٿيل علمي ۽ تحقيقي ذيان جو بيحد ڏک محسوس ٿئي ٿو. تڏهن به، نئون ڇاپو جيڪڏهن سڄي مواد تي نئين سر نظرثاني ڪري ڇپيو وڃي ها، ته اسان تنقيد بابت عرساڻي صاحب جي ان اضافِي علمي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

-تنقيدي اوسر مان بہ مستفيض ٿي سگهون ها جيڪا هن ٤٥-ورهين دوران ڪئي آهي.

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جي پِي ايچ ڊِي جو تحقيقي مقالو 'آزاديءَ ڪان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر' سيپٽمبر ١٩٨٢ع ۾، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري، طرفان ٤٨٥-صفحن تي ڇپيو. جيڏو افسانوي ادب جو موضوع ڪشادو آهي اوڏي ئي اها تحقيق پڻ وڏي پکيڙ رکندڙ آهي، جنهن کي نبيرڻ ۾ ڊاڪٽر عرساڻيءَ جو ڪوششون واکاڻ ۽ جَس لائق آهن. ان اهم تحقيق جي سورهن بابن ۾، بنيادي معلوماتي ۽ تجزياتي بابن ۽ ڪهاڻيڪارن ۽ سندن ڪهاڻين جي تجزين سميت، 'انساني تاريخ ۾ فسانہ گوئيءَ جي قدامت'، 'عالمي ادب ۾ افساني جو آغاز ۽ ان جون آڳاٽيون صورتون'، 'سنڌي ۽ بنگالي ڪهاڻين جو تقابلي مطالعو'، 'جديد سنڌي افسانوي ادب ۾ فني رجحانات ۽ تجربا' ۽ 'سنڌي افسانوي ادب جا مسئلا' جهڙا اهم باب پڻ شامل آهن، جيڪي محقق پاران ڪيل گهڻي محنت جي عڪاسي ڪندڙ آهن. مثال طور، پهرين باب 'انساني تاريخ ۾ فسانہ گوئيءَ جي قدامت' ۾ فن، ادب ۽ شاعريءَ بابت، عرساڻي صاحب لکي ٿو: ”حقيقت ۾ فن هڪ مخصوص سماج جي ڪُک مان پيدا ٿئي ٿو، ۽ ان جو چشمو سدائين مادي ۽ ارضي زندگيءَ مان ڦُٽي ٿو... 'ادب' محض 'لفظن جو فن' آهي، جو تڏهن وجود ۾ آيو، جڏهن انسان شعور ۽ جذبات جي گڏيل سڏيل تاثر جو ٺتل ڦٽل لفظي اظهار ڪرڻ سکيو... شاعري بہ ساڳئي لفظي فن جو ڪرشمو آهي، جنهن جو قديم دور ۾ رقص ۽ سرود سان گهاٽو سبنڌ رهيو آهي.“(٥١) هنن لفظن ۽ خيالن ۾ ڪيئي نتيجا سمايل آهن، جهڙوڪ: فن سماج جي خاصيت ۽ ان سان واسطيدار آهي جنهن جو وجود مادي مان آهي. لفظي اظهار منجهان ئي ادب پيدا ٿيو، ادب ۾ ئي شاعري بہ هڪ ڪرشمو آهي ۽ اهو بہ تہ ناچ، موسيقي ۽ شاعريءَ جو پاڻ ۾ واسطو آهي. اهي ۽ اهڙا ٻيا انيڪ ڪوجيل نتيجا هن پي ايچ ڊي تحقيق جي مختلف بابن ۾ موضوع ۽ مواد آهر سانديل آهن. مثال طور باب چوڏهين 'سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جو اهم موضوع' ۾ نتيجو اخذ ڪيل آهي تہ ورهاڱي بعد ”پنهنجي وطن ۾ بيگانگي، اجنبيت ۽ ڦرجي وڃڻ جو احساس اڪثر هن دؤر جي ڪهاڻيڪارن جو دلپذير موضوع رهيو آهي.“(٥٢) ان سان گڏ جيڪي ٻيا مکيہ موضوع ورهاڱي بعد افسانوي ادب ۾ آندا ويا تن جو ذڪر هن ريت ڪيو ويو آهي: ”آزاديءَ ڪان پوءِ جن مسئلن يڪدم اديبن جو ڌيان ڇڪايو سي هئا طبقاتي سماج ۽ اقتصادي





ڦرلٽ، فرقيواريت ۽ مذهب جو بي دريغ استعمال، جاگيردارانہ معاشري ۾ ناانصافيءَ سان ڀريل ظالمانہ رواج ۽ طور طريقا، لڏپلاڻ مان اٿيل نوان تهذيبي مونجهارا وغيره. اهي مجموعي طور اسان جي معاشري جا مکيہ روڳ هئا.“(٥٣)

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جي هن تحقيقي مقالي ۾ قصن، ناولن ۽ ڪهاڻي -ڪتابن سميت واسطيدار اديبن جي تحريرن جو تجزيو پڻ ڪيو ويو آهي، جنهن سبب هيءُ ڪتاب تنقيدي اڀياس جي عڪاسي پڻ ڪري ٿو. جن ناول نويسن ۽ ڪهاڻيڪارن جي لکڻين کي تفصيل سان مطالعي هيٺ آندو ويو آهي تن ۾ مرزا قليچ بيگ، بنڪم چندر چٽرجي، شرٽ چندر چٽرجي، رابيندرناٿ ٽئگور، منشي پريم چند، نارائڻداس ميوارام ڀمڀاڻي، امر لعل هڱوراڻي، مرزا نادر بيگ، آسانند مامتوراءِ، عثمان علي انصاري، شيخ اياز، محمد عثمان ڏيپلائي، جمال ابڙو، غلام رباني، حفيظ شيخ، ابن حيات پنهور، محمد اسماعيل عرساڻي، بشير مورياڻي، اياز قادري، بيگم زينت چنا، ع-ق شيخ، شيخ عبدالرزاق راز، ابن الياس سومرو، رشيد آخوند، علي احمد بروهي، عثمان ڇلگري، محمد حسين ڪروڙپتي، آغا سليم، سراج، نجم عباسي، ثميره زرين، نسيم کرل، امر جليل، غلام نبي مغل، عبدالرحيم جوڻيجو، ماهتاب محبوب، حميد سنڌي، طارق اشرف، رسول بخش پليجو، عبدالقادر جوڻيجو، عبدالحق عالماڻي، رشيده حجاب، بيدل مسرور، عبدالجبار جوڻيجو، زيب ڀَٽي، نور عباسي، محمد ابراهيم خليل، علي بابا، ماڻڪ، مشتاق شورو، شوڪت حسين شورو، موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، لعل پشپ، انن ڪيماڻي، ايشور چندر ۽ ٻيا شامل آهن.

مجموعي طور، پِي ايچ ڊِي لاءِ لکيل هيءُ تحقيقي مقالو، هڪ طرف سنڌي افسانوي ادب جي تاريخ بہ بيان ڪري ٿو، افسانوي ادب جو تجزياتي اڀياس بہ ڪري ٿو، تہ افسانوي ادب جي پکيڙ جو فڪري ۽ فني تجزيو پڻ پيش ڪري ٿو. عام راءِ ۾ افساني ۽ ڪهاڻيءَ کي هڪ ئي لکڻيءَ جا ٻہ نالا سمجهيو ويندو آهي، پر عرساڻي صاحب ان تي مختصر ۽ جامع بحث ڪري واضح ڪيو آهي تہ ”لفظ افسانو انگريزي لفظ Fiction جي پوري مفهوم ۽ معنيٰ کي تحويل ۾ آڻي ٿو. سنڌيءَ ۽ اردوءَ جي تقليد ڪندي Short Story کي بہ 'افسانو' لکيو وڃي ٿو، جو سراسر غلط نالو آهي ۽ موضوع کي سمجهڻ ۾ تضاد پيدا ڪري ٿو. ان ڪري Fiction کي افسانو ۽ فڪشنل لٽريچر کي افسانوي ادب چوڻ درست ٿيندو. اهڙيءَ طرح ناول ۽ ننڍي ڪهاڻي، ان جون



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جديد صورتون Farm آهن ۽ Fictionist ڪي وري افسانہ نگار چوڻ گهرجي."(٥٤)
ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جي هيءَ تحقيق، ان تناظر ۾ قصي، ناول ۽ ڪهاڻيءَ جو احاطو ڪري ٿي پر ڇانيل صنف ڪهاڻي آهي، جنهن جو مفصل مطالعو تحقيق هيٺ آندو ويو آهي.

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ پاران، سنڌي نثري ادب بابت لکيل، مختلف تحقيقي مقالن کي، هڪ تسلسل جي ترتيب هيٺ سهيڙي، جنهن ڪتاب ۾ پيش ڪيو ويو آهي، اهو 'سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ' {نثري ادب} (٢٠٠٩ع) آهي. هي ڪتاب ڇهن بابن ۾ ورڇيل آهي، جن مان پهريان پنج باب، دراصل پنجن نندن ڪتابن جو ڏيک ڏين ٿا، جن مان هر هڪ باب ۾ ڪيئي مقالا ترتيبيل آهن. آخري باب 'ضميمي' جي نالي سان آهي جنهن ۾ 'ڏِسٽي' ڏئي، ڪتاب جي تحقيقي نوعيت کي سينگاريو ويو آهي. عرساڻي صاحب جو هيءُ ڪتاب، نثري ادب جي تاريخ جي مطالعي سان دلچسپي رکندڙن لاءِ هڪ سنو تحفو آهي، ڇاڪاڻ تہ هر هڪ باب ۾ جن مقالن کي شامل ڪيل آهي اهي پنهنجي مواد موجب بيحد اهميت جا حامل آهن. پر، هڪ ڳالهہ کُٽڪندڙ بہ آهي تہ هن ڪتاب ۾ ڪيئي اهڙا مقالا پڻ شامل ڪيا ويا آهن جيڪي عرساڻي صاحب جي اڳ ڇپيل ٻن ڪتابن ــ 'سنڌي ادب ۾ تنقيد' ۽ 'آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر' ــ جا مختلف باب آهن، جن مان ڪي مقالا تہ ١٠٠ سيڪڙو ساڳيا شامل ڪيل آهن ۽ ڪن ۾ ڪا معمولي لفظي ڦيرگهير ڪئي وئي آهي! افسوس تہ مصنف پاران پڻ سندس لکيل 'پيش لفظ' ۾ ڪا اهڙي وضاحت بہ نہ ڪئي وئي آهي. منهنجو خيال آهي تہ، اهي مقالا هن نئين ڪتاب ۾ شامل نہ ٿيڻ گهرجن ها، ڇاڪاڻ تہ مٿين ٻن ڪتابن جي پڻ سنڌي ادب ۾ مستقل اهميت آهي. اهو مناسب نہ ٿو لڳي تہ اڳ ڇپيل مشهور ڪتابن جا سڄا سارا باب نقل ڪري نئين ڪتاب ۾ شامل ڪيا وڃن. مثال طور، ڪتاب جي پهرئين باب 'سنڌي ادب قديم کان جديد دور تائين' ۾ ٨-مقالا آهن، جن مان ٻيو نمبر مقالو 'قديم سنڌي افساني جي رنگين دنيا (فن ۽ موضوع)' عنوان سان، صفحي نمبر ٣٦ کان ٦٨ تائين، آهي جنهن جي نندن عنوانن مان 'عشقيہ ۽ روماني داستان' (ص:٥٤-٥٥)، 'موکي ۽ متارا' (ص:٥٥-٥٦)، 'ليلان ۽ چنيسر' (ص:٥٦-٥٧)، 'مومل ۽ راڻو' (ص:٥٧-٥٨)، 'عمر ۽ مارئي' (ص:٥٨-٥٩)، 'سسئي ۽ پنهون' (ص:٥٩-٦١)، 'ڪجھ ٻيا داستان' (ص:٦١-٦٣)، 'شاعرن جا منظوم قصا ۽





رومان' (ص:٦٣-٦٤) ۽ 'حڪايت' (ص:٦٥-٦٦) جو سمورو مواد '...افسانوي ادب جي اوسر' مان، اِن ڪتاب جي باب 'قديم افسانوي ادب (فن ۽ موضوع)' (ص:٣٨-٦١) تان گهٽي پاڳي اتاريو ۽ ڪجھ بدلايو ويو آهي! ان مقالي/باب جا عنوان پڻ هڪجهڙا آهن. چوٿون نمبر مقالو 'پنگتي قصا يا قصصي ناول' (ص:٧٥-٨١) سواءِ پهرئين پئراگراف (ص:٧٥) جي، '...افسانوي ادب جي اوسر' (ص:٩٨-١٠٤) تان، ساڳئي نالي سان، مڪمل اتاريل آهي! ٻئي باب 'سنڌي ادب ۽ تنقيدي شعور' ۾ ١٠-مقالا گڏ ڪيل آهن، جن مان، ڪتاب جي فهرست موجب نائون نمبر مقالو 'سنڌي ادب ۾ موجوده دؤر جا تنقيدي نظريا' (ص:١٢٥-١٣٤)، سڄي جو سڄو، عرساڻي صاحب جي ڪتاب 'سنڌي ادب ۾ تنقيد' جي ستين باب 'نوان رجحان، نظريا ۽ مڪتبِ فڪر' مان، ص:١٥٤-١٦٥ تائين، معمولي تبديلين سان، شامل ڪيو ويو آهي! ڏهون نمبر مقالو 'جديد سنڌي افسانوي ادب ۾ فني رجحانات ۽ تجربا' (ص:١٣٥-١٦٢) مڪمل طور '...افسانوي ادب جي اوسر' (ص:٣٠٢-٣٢٥) جي باب ٻارهين تان نقل ڪيو ويو آهي ۽ عنوان پڻ ساڳيو آهي! باب ٽئين ۾ پڻ ١٠-مقالا سهيڙيل آهن، جن مان فهرستي سٽاءَ موجب ٻاويهون نمبر مقالو 'افسانوي ادب ڇا آهي؟' (ص:٢٤٤-٢٥٤)، سڄو ئي، '...افسانوي ادب جي اوسر' (ص:٨-١٧) جي باب پهئين تان سڄو ئي آندل آهي ۽ عنوان پڻ ساڳيو آهي! ٽيويهون نمبر مقالو 'مختصر ڪهاڻي جو فن ۽ ارتقا' (ص:٢٥٥-٢٧٦) جي مواد مان، ص٢٥٥ کان ص-٢٦٥ تائين آندل مواد '...افسانوي ادب جي اوسر' جي اٺين باب (ص:١٦٦-١٨٢) جو نقل ڪيل آهي ۽ عنوان پڻ ساڳيو آهي! جڏهن تہ، باب پنجين 'سنڌي تنقيد ۽ تنقيدنگار' جي پڻ ١٠-مقالن مان، مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي، شيخ محمد ابراهيم 'خليل' ۽ مولانا غلام محمد گرامي جي تنقيدي نظرين بابت لکيل ٥-ئي مقالا، عرساڻي صاحب جي ڪتاب 'سنڌي ادب ۾ تنقيد' جي سڄي اٺين باب 'سنڌي ساهت جا نامور نقاد' (ص:١٦٦-٢٠٣) مان شامل ڪيل آهن! ان ريت، ٥٠٤-صفحن تي مشتمل هن ضخيم ڪتاب 'سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ' ۾، ٿلهي ليکي سوا سَو کن صفحن تي مشتمل، چوٿين حصي جيترو موادُ، عرساڻي صاحب جي مٿين ٻن ڪتابن مان آندل آهي! انهن کان سواءِ، ١٣-نمبر مقالي 'جديد سنڌي ادب ۾ روحانيت جو فهم ۽ ايڪويهين صدي' جو مواد، عرساڻي صاحب جي ڪتاب 'فن، شخصيت ۽ انداز' ۾ مصنف طرفان لکيل



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

’هن ڪتاب جي باري ۾‘ تان ماخوذ آهي. ٻنهي ليکن ۾ روحانيت جي ساڳين پهلوئن تي ساڳيا ئي نتيجا ڏيندڙ ويچارَ ونديا ويا آهن. اهو پڻ اهم آهي ته ڪتاب جو ٢١-نمبر مقالو ’جديد بيت‘ ڪنهن به طرح هن نثري ادب جي حصي طور نظر نه ٿو اچي. ڪتابن ۾ ورجايل مٿين مقالن کان سواءِ, ٻيا مختلف مقالا اهم آهن جيڪي ڪنهن به طور نظرانداز ڪرڻ جوڳا ناهن، اهي پنهنجي موضوعي اهميت سبب پڙهڻ ۽ پرجهڻ لائق آهن، جن ۾ عرساڻي صاحب جي محنت، تجزيو ۽ تحقيق تحسينَ لائق آهي.

اسان وٽ علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪتابَ پڙهڻ، سو به مڪمل ڪتابَ پڙهڻ جو لاڙو ڏينهون ڏينهن گهٽبو پيو وڃي ۽ سنجيده تحريرون پڙهڻ ۽ پُرجهڻ بدران سهل پسنديءَ ڪي ڏِسندي اليڪٽرانِڪ (electronic) سوشل ميڊيا تي وقت گذارڻ کي گهڻو پسند ڪيو وڃي ٿو. ان پس منظر ۾، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جا سنڌي ٻوليءَ ۾ محبت ۽ محنت سان سرجيل تحقيقي، تعليمي، علمي، لساني، تنقيدي ۽ اهڙا ٻيا ڪتاب اها سگهه رکن ٿا ته اهي وري وري ۽ مڪمل ڌيان سان پڙهيا ۽ پروڙيا وڃن

## حوالا


١. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، ’ثقافت ۽ انساني معاشري جي اوسر‘، اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد، پهريون ڇاپو فيبروري ٢٠١٥ع، ص-١٣٣.

٢. عرساڻي، احسان احمد، ڊاڪٽر، ’پيش لفظ‘، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي ’اوسر پهاڪاتي لغت‘. اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد، پهريون ڇاپو ٢٠١٥ع، ص- vi.

٣. ٻرڙو، محبت، ڊاڪٽر، ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا‘، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر، پهريون ڇاپو اپريل ١٩٩٨ع، ص-٩٩.

٤. ساڳيو، ص-١٠٠.

٥. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، ’ثقافت ۽ انساني معاشري جي اوسر‘. اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد، ٢٠١٥ع، ص-٣٤ کان ٣٦.

٦. عرساڻي، احسان احمد، ڊاڪٽر، ’پيش لفظ‘. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي ’اوسر پهاڪاتي لغت‘. اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد، ٢٠١٥ع، ص-vi کان viii.

٧. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، ’اوسر پهاڪاتي لغت‘. اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد، ٢٠١٥ع، ص-٨.







٨. ساڳيو، ص-١٠٥ ۽ ١٠٦.

٩. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (مرتب)، ’جامع سنڌي لغات‘ (جلد ٻيو). سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ڇاپو پهريون ١٩٨١ع، ص-٦٦٤.

١٠. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، ’اوسر پهاڪاتي لغت‘. اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد، ٢٠١٥ع، ص-٣٤.

١١. ساڳيو، ص ص-١٣٢، ١٣٥، ١٨١، ٢٣٣، ٢٣٥، ٢٥٣، ٢٥٦، ٢٦٨، ٢٧٣ ۽ ٢٨٩.

١٢. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، ’سنڌي ورجيسي ٻولي‘. اوسر پيڙهڪا حيدرآباد، ٻيو ڇاپو ٢٠١٠ع، ص-١٠.

١٣. ساڳيو، ص-٢٢.

١٤. ساڳيو، ص-١١٨.

١٥. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر،’سنڌي ٻولي جي سکيا‘، يادگار پبلشرز حيدرآباد، پهريون ڇاپو ١٩٨٦ع، ص-٦.

١٦. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻوليءَ جي جهان جي ڪوجنا‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، پهريون ڇاپو ٢٠٠١ع، ص ٩-١٠.

١٧. ساڳيو، ص-١٧٠.

١٨. ساڳيو، ص-٢١٨.

١٩. عرساڻي، محمد اسماعيل ۽ ٻيا، ’سنڌي ٻولي ۽ ان جي تعليم‘، رونق پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو ٻيو ١٩٧٠ع، ص-١٠.

٢٠. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي، ڇاپو ٻيو ١٩٨٣ع، ص-٩.

٢١. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر (مرتب)، ’جامع سنڌي لغات‘. سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ڇاپو پهريون ١٩٦٠ع، ص-و.

٢٢. جتوئي، علي نواز حاجن خان، ’علم لسان ۽ سنڌي زبان‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڇاپو ٻيو ١٩٨٣ع، ص-١٥٥.

٢٣. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر ۽ هدايت پريم. ’ٿر جي ٻولي‘، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، ڇاپو پهريون ١٩٩٤ع، ص-١١.

٢٤. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر. ’سنڌي ٻوليءَ جي جهان جي ڪوجنا‘، روشني پبليڪيشن




Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪنڊيارو، پهريون ڇاپو ۲۰۰۱ع، ص-۲۴۹.

۲۵. ساڳيو، ص-۲٦۷

۲٦. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، 'فن، شخصيت ۽ انداز'، اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد، پهريون ڇاپو ۲۰۰۳ع، ص- ۷ ۽ vi.

۲۷. ساڳيو، ص- vi ۽ vii.

۲۸. ساڳيو، ص-۱.

۲۹. ساڳيو، ص-۳.

۳۰. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، 'شخص ۽ عڪس'، اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد، پهريون ڇاپو جُون ۲۰۱۵ع، ص-۳۲، ۳۳ ۽ ۳۴.

۳۱. ساڳيو، ص-۳۵ ۽ ۳٦.

۳۲. ساڳيو، ص-۲۹.

۳۳. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، 'فن، شخصيت ۽ انداز'، اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد، پهريون ڇاپو ۲۰۰۳ع، ص-۱۰.

۳۴. ساڳيو، ص-۳۵.

۳۵. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، 'ثقافت ۽ انساني معاشري جي اوسر'، اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد، ۲۰۱۵ع، ص-۱۷.

۳٦. ساڳيو، ص-۱۸.

۳۷. ساڳيو، ص-۲۳.

۳۸. ساڳيو، ص-۴٦.

۳۹. ساڳيو، ص-۵۰.

۴۰. گرامي، غلام محمد، مولانا، 'مقدمو'، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي 'سنڌي ادب ۾ تنقيد'، اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد. ٻيو ڇاپو مارچ ۲۰۱۰ع، ص-۱۳.

۴۱. ساڳيو، ص-۱٦.

۴۲. ساڳيو، ص-۲٦ ۽ ۲۷.

۴۳. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، 'سنڌي ادب ۾ تنقيد'، اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد. ۲۰۱۰ع. ص-۳۱ کان ۴۳ تائين.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





۴۴. ساڳيو، ص-٦۲.

۴۵. ساڳيو. ص-۸۱.

۴٦. لغاري، اڪبر، 'ادبي تنقيد جي تاريخ'، ماءِ پبليڪيشن سکر، پهريون ڇاپو، ۲۰۱٦ع، ص-۱۱.

۴۷. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، 'سنڌي ادب ۾ تنقيد'، اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد، ۲۰۱۰ع. ص-۱۴۹.

۴۸. ساڳيو، ص-۱۵۳.

۴۹. ساڳيو، ص-۱۹۴ کان ۲۰۳ تائين.

۵۰. ساڳيو،ص-۱۲.

۵۱. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، 'آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڇاپو پهريون سيپٽمبر ۱۹۸۲ع، ص-۲ ۽ ۳.

۵۲. ساڳيو، ص-۳۵۳.

۵۳. ساڳيو، ص-۲۵۳.

۵۴. ساڳيو، ص-۸.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair